
ريجهايو روح رابيلن
(شاعري)
خان محمد «خاطي» ڪيريو

# ريجهايو روح رابيلن

(شاعري)

## خان محمد ”خاطي“ ڪيريو

خورشيد خضر
علمي ادبي ۽ اشاعتي ادارو
نواب شاهه (شهيد بينظير آباد)
03033769554- 03337753811

2018ع

ڊجيٽل ايڊيشن:
2019ع

سنڌ سلامت ڪتاب گهر

خورشيد خضر علمي ادبي ۽ اشاعتي اداري جو ڪتاب نمبر 2

**ليکڪ جا حق ۽ واسطا محفوظ**

ڪتاب جو نالو :- ريجهايو روح رابيلن
موضوع :- شاعري
شاعر :- خان محمد "خاطي" ڪيريو
موبائيل نمبر : 03023060582
مرتب : پريتم قاضي (03033769554)
پروف ريڊنگ :- فيض الدين ۽ نوردين ڪيريو
ڇاپو : ڀهريون 2018ع
تعداد :- هڪ هزار
ڪمپوزنگ، لي آئوٽ ۽ ٽائيٽل :- راشد علي ڪيريو
موبائيل نمبر : 03492962843
ڇپرائيندڙ : خورشيد خضر علمي ادبي ۽ اشاعتي ادارو نوابشاه

ڇپيندڙ :

قيمت : 350 روپيه

ملڻ جو هنڌ :

سنڌ جا سيئي وڏا بُڪ اسٽال

# ارپنا

شاهپور چاڪر جي سونهن
شاهپور چاڪر جي ساڃاهه
شاهپور چاڪر جي سڃاڻپ
۽ شاهپور چاڪر جي شاعرن ۽ صحافين

**سائين الياس انجم**
**۽ ان جي ڀاءُ محترم محمد عباس صاحب،**
**چاچا غلام حيدر ڏامراهه**
**سائين علي مراد ڏاهري**
**ادا رسول بخش رضا ڏاهري**
**۽ عبدالغفور رخشاڻي**
**جن جي نانءُ**

جيڪي ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان هميشه مونتي مهربان رهيا آهن. سندن مهربانين جي مڃتا ان ڪان مٿي جي ڏئي سگهان ٿو ته اها صرف دعائن جي صورت ۾...!

**خاطي ڪيريو**

# سنڌ سلامت پاران:

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ريجهايو روح رابيلن“** اوهان اڳيان پيش ڪري رهيا آهيون. هي ڪتاب محترم **خان محمد ”خاطي“ ڪيريو** جي شاعريءَ جو مجموعو آهي.

خاطي بنيادي طور رومانس جو شاعر آهي، اهو رومانس ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي ذات بابرڪات سان هجي، ڌرتي سان هجي توڙي محبوبہ سان. ان هر جاءِ تي ان پيار کي اڇو اجرو رکيو آهي. هو احساسن جا عڪس پلي انداز ۾ چٽي ٿو، سندس عڪسي شاعريءَ ۾ داخلي توڙي خارجي احساسن جون تصويرون ڏاڍيون من موهيندڙ آهن. پيار پريت، قرب ۽ ڪهل، سڪ ۽ چڪ سان گڏ ڏک ۽ درد جي ڪهاڻي پڻ سندس شاعريءَ جا موضوع آهن.

هي ڪتاب **خورشيد خضر علمي ادبي ۽ اشاعتي ادارو نوابشاه** پاران مرڪ پبليڪيشن وٽان 2018ع ۾ ڇپايو ويو آهي. ٿورائتا آهيون خان محمد ڪيريو صاحب جا جنهن ڪتاب جي ڪمپوز ڪاپي موڪلي ۽ سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ جي اجازت ڏني.

**محمد سليمان وساڻ**
مينيجنگ ايڊيٽر (اعزازي)
سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# گلابن جي سڳنڌ جهڙو شاعر

سپنو سپنو هوندو آهي، سپنو ساپيان ٿيندو ناهي

هي سٽون شاعري جي شروعاتي دؤر ۾ سرجيون هيم! اڄ احساس ٿئي ٿو تہ، سوچون، حالات، خيال هڪ جهڙا نٿا رهن، اهي وقت بہ وقت بدلبا رهبا آهن. چوڻ جو مقصد اهو تہ انسان جا سپنا ساپيان ماڻين ٿا! جيڪر همت ۽ حوصلي سان ڪجهہ ڪري ڏيکارڻ جو جذبو جوان هجي ۽ اڳتي وڌڻ لاءِ احساس جاويدان هجي! سو غزل جي انهن ٻن سٽن جي نفي ٿئي ٿي. سال 2017ع ۾ اسان جي اداري احساس جي بنياد تي عمل پيرا ٿي اوکن پيچرن تي وکون رکندي سينئر مزاحمتي شاعر سائين عبدالحڪيم "ارشد" جو سنڌي اردو غزلن جو ڪتاب "آواز اندر جو" پبلش ڪيو ان ڪتاب کي وڏي پذيرائي ملي، پڑهندڙن جي دلين ۾ جايون مليون ۽ اسان کي وري ڪم ڪرڻ جو اتساهہ مليو. خان محمد "خاطي" شاعريءَ جي ميدان ۾ ڪو نئون نالو ناهي. سندس اڳ ۾ شاعريءَ جا ٽي ڪتاب "سهڻا گل ٽڙيا" "گلابن جي غلاميءَ ۾" "سرهاڻ مديني" پبلش ٿي چڪا آهن. ان سان گڏ سندس ذاتي اداري "چنڊ پبليڪيشن چودڳي" پاران سلسليوار رسالي "چنڊ" جا ست شمارا بہ ڇپيا آهن. سندس ڪتابن پڑهندڙن جي ذهن تي مثبت اثر ڇڏيو آهي. خاطي بنيادي طور رومانس جو شاعر آهي، اهو رومانس ٻنهي جهانن جي سردار ﷺ جي ذات بابرڪات سان هجي، ڌرتي سان هجي توڙي محبوبہ سان. ان هر جاءِ تي ان پيار کي اچو اجرو رکيو آهي. هو احساسن جا عڪس پلي انداز ۾ چٽي ٿو، سندس عڪسي شاعريءَ ۾ داخلي توڙي خارجي احساسن جون تصويرون ڏاڍيون من موهيندڙ آهن. پيار پريت، قرب

۽ ڪهل، سڪ ۽ چڪ سان گڏ دک ۽ درد جي ڪهاڻي پڻ سندس شاعريءَ جا موضوع آهن. نفرت، ڌڪار، ڪروڌ ۽ ڪاوڙ، پٽ ۽ پاراتا ان جي احساسن کان ڪوهين ڏور آهن. اسين سندس شاعريءَ جو چوٿون مجموعو ”ريجهايو روح رابيلن“ ڪٺي حاضر ٿيا آهيون انهيءَ اميد سان ته سنڌ ادب پڙهندڙن کي اسان جي هيءَ ڪاوش ضرور پسند ايندي. ”خورشيد خضر علمي ادبي ۽ اشاعتي ادارو“ خان محمد خاطي جي نج ۽ خوبصورت احساسن کي پبلش ڪري انتهائي خوشي محسوس ڪري ڪري رهيا آهيون.

**پريتم قاضي**
سڪندر آرٽ گئلري نوابشاهه

سدا صدما ڏنا خارن، ريجهايو روح رابيلن،
گلابن، موتين، گلڙن، ريجهايو روح رابيلن.

پنهنجي مخصوص چاهت سان، نفاست ۽ نزاڪت سان،
مٺن محبوبڙن سهڻن، ريجهايو روح رابيلن.

اکين معراج ماڻيو ۽، اڱڻ آباد ٿيو دل جو،
ڪيو محضوظ چنڊ _ چهرن، ريجهايو روح رابيلن.

اڏي ۽ ڪات آڏو ها، مڙڻ موٽڻ ٻه مهٽو هو،
ڪري تنهن پل عطا درشن، ريجهايو روح رابيلن.

ٻچين جا ٻچ سڙن چاهي؟، ڪنڊا ڪنڊ ۾ ڪپن چاهي؟،
اهو جذبو ڏنو جلون، ريجهايو روح رابيلن.

گلن خوشبو ڏني ليڪن، ڪنڊن پڻ ڪم ڪيو پنهنجو،
ڪنڊن چيچي ڦٽيو تن من، ريجهايو روح رابيلن.

رقيبن ٿوهرن پارن، رنجايو خوب "خاطي" پر،
چمي چمجي چپن ٻلڙن، ريجهايو روح رابيلن.

# غزل

خار دل ۾ ڪُتا، ڳُل لڳايو گلن،
زندگيءَ ڏي وري آ ورايو گلن.

مرڪي مهڪي بہ ٿو گهاري سگهجي هِتي،
گپَ گرڻ ۾ تڙي گس ٻڌايو گلن.

سونهن جي سوچ آئي تہ رڪجي ويس،
خودڪشي ٿي ڪيم پر بچايو گلن.

مان تہ پيتڪيس پئي نفرتن-جهنگ ۾،
چاهتن جي چمن ڏي گهرايو گلن.

هوءَ خوشبو سنگهڻ سان نہ ”خاطي“ ڪُتي،
پوپٽن ڪان نڪي منهن لڪايو گلن.

◈◈

سنگدل سان دل اڙي روئي ڏنم،
ميخ جيءَ ۾ وئي جڙي روئي ڏنم.

ويلَ جنهن مونکان اٿي ويندو رهيو،
ٿي چيم ترسو گهڙي روئي ڏنم.

مون چيو ايندو وري مونڏي سڄڻ،
پر نہ آيو هو لڙي روئي ڏنم.

غير سان هن کي ڏٺو مون همسفر،
سور ان ۾ ويس سڙي روئي ڏنم.

هٿ ٻڌي ”خاطي“ گهڻيون آزيون ڪيم،
لڙڪ ڳڙ ڳڙ پيا ڳڙي روئي ڏنم.

◈◈

سمهين پئو سپ اوهين تارا، منهنجو مقدر ڦٽل آهي،
ڦِٽي وئي ننڊ آ منهنجي، سمورو جڳ ستل آهي.

اٿَو نظرون رڳو مونڏي، ڏنو ڇا آ اوهان مون ۾،
منهنجو سينو سڄو چيري، ڏسو دلڙي ٽٽل آهي.

لڙي اڌ رات آ ويئي، لهي چنڊ آ ويو ليڪن،
پيو ڦٽڪان لڇان تڙپان، اڃا اک پڻ کليل آهي.

پيا گڏ لڙڪ هاريو ڇو؟ اوهان جو ڏوهہ ڪونهي ڪو،
ٻڌايان ڇا ظلم مونسان، دنيا وارن جو ٽيل آهي.

ڇڏي ڏيو خان محمد کي پنهنجي هن حال تي هاٺي،
پڇو ٿا حال هي کهڙو، رٺل مونکان مٺل آهي.

◈◈

اي چنڊ ڇا ڏسين ٿو؟ منهنجو نصيب ٿيو آ،
ڏس ڏس نهار! مونکي هي ڪير قريب ٿيو آ.

وڌ چانڊنيءَ چنچل، ڪومل ڀُسيءَ گُلَ ڪان،
پٽ ڪان نرم ۾ ڪنئورو مهمان مجيب ٿيو آ.

ڇا ڪو صبح مچيندو؟ پر تون تہ روبرو هين،
شاهد ٿجان هي هيڏو ويجهو حبيب ٿيو آ.

ڏس! هي ڪلهن ۾ ٻانهون مرڪي تڪڙ اڪين ۾،
اڳ ۾ ڏٺئي ائين ڪو اڄ جيئڻ عجيب ٿيو آ.

چاهت، ٻهار، جوڀن، چانڊوڪي رات رم جهم،
خلوت صنم ۾ "خاطي"، موقعو عجيب ٿيو آ.

◈ ◈

تنهنجو چهرو چنڊ جي چانڊاڻ جڻ،
مست چوليون حسن جون مهراڻ جڻ.

هُو شفق ۾ سج لهڻ جو روپ ڏس،
تنهنجي رخسارن جي آ لالاڻ جڻ.

ذلف جُهڙُ، انگور لَبَ، اکيون ڪنول،
۽ پسينو موتئي، سرهاڻ جڻ.

تون جتان گذرين لڪين لوڙهيو وڃين،
هر قدم قيامت سندو اهڃاڻ جڻ.

سونهن تنهنجي جو آهي دامن وسيع،
حسن تنهنجو خان محمد کاڻ جڻ.

پيارا هُئين پرائو، ڏاريو تون ٿي وئين،
مون پانيو منهنجو آهين، منهنجو نہ ٿي سگهئين-

پنهنجي اصل ڏي واپس هر چيز ٿي وري،
جنهن جو هُئين تون جاني تنهن جو وجي ٿِئين.

پنهنجو بنائي پهرين هاڻي ڇني ڇڏيئي،
ڇو پيار تو ڏنو جي اهڙو اصل هُئين.

پل ڪن وندر جي خاطر مونکي ڪتب ڪيئي،
شايد هُيس رانديڪو ڪيڏي ٽڪي پئين.

جڙ ”خاطي“ خان محمد جيئري مري ويو،
پر دل جي اي محبت! ڇو ٿي اجا جِئين.

◈◈

سوچ ۾ آهيان هو جي اچي ويو، ان سان ملي ڪئن مان سگهندس،
هن جا پٽائين ڪنئورا هٿڙا، تن کي ڇهي ڪئن مان سگهندس.

ھن جي اڇڻ سان لڙڪ ڍڪن جا ويندا سڪي پر پوءِ وري،
لڙڪ خوشيءَ جا آيا اکين ۾، لڙڪ اگھي ڪئن مان سگھندس.

ھڪ ٻه گھڙي دل تان نه لھين ٿو، سچ سچ مونکي اڄ تون ڏس،
توبه ڪڏھن تئن ياد ڪيو آ، سوبه پڇي ڪئن مان سگھندس.

پيار پنھل سان جيڏو سسئي جو، پيار منھنجو تيڏو توسان،
دل ته چوي ٿي محب کي چوندس، سوبه چئي ڪيئن مان سگھندس.

حال اندر جو ڪوبه منھان منھن ھن کي چئي سگھيس نه ڪڏھن،
دل کي جھلي اڄ پيار پرين کان ھاڻ گھري ڪئن مان سگھندس.

موڪلائڻ جي مھل به ايندي، نارَ شروع نيڻن ٿيندا،
وقت وڇوڙي روئي پوندس، ماٺ رھي ڪئن مان سگھندس.

جيءَ جيارو ڏار جي ٿيندو ھاءِ الا پوءِ ڪيئنءَ ڪبو؟
ھيڏو جبل جيڏو سو وڇوڙو ھاءِ سھي ڪئن مان سگھندس.

سوچن ۾ سرھاڻ رچيل آ قرب واري جي ڪيريو چئي،
سوچ آ تن سپنن جي به ساپيا ”خاطي“ ڏسي ڪئن مان سگھندس.

سڄڻ تنھنجي جدائيءَ ۾ چريو شايد ته ٿي ويندس،
پيو روئندس عمر ساري متان شايد مري ويندس.

پڙھندو ھوس محبت جا اڳي ناول ۽ افسانا،
لڳي ٿو پنھنجي محبت جا قصا شايد لکي ويندس.

سچو آ قول ڏاھن جو ته ٿيندو عشق باھ آھي،
متان ان باھ ۾ مان پڻ صفا شايد جلي ويندس.

رُسي مونکان رسڻ واري تو ڪولي راھ آ ھاٽي،
لڳي ٿو مان به جيون کان الا شايد رسي ويندس.

متان توسان ملڻ واري حياتيءَ ۾ جا حسرت آ،
چئي ڪيريو قبر ۾ مان اھا شايد کڻي ويندس.

◈◈

چنڊ وڃي چڙهيو پيارل ڪي تون توکي ڪوئي پڪاري،
آس ڀَرينِ نيڻن مان پيو هو اڃ ڪٽ آنسون هاري.

آشائن جي ڪشتيءَ کي آ طوفانِ غَمَ گهيريو،
مايوسيءَ جي اٿاهه ڪُنن مان، اڇي ڪريوس ڪناري.

زخمي هرڻ جئن تڙپي تڙپي، اڌ مئو ٿي پيو آهي.
تشنه لبن کي جامِ شيرين پيارا وجوس پياري.

جيون - رڻ ۾ رات پئي ٿس آهي مسافر ماندو،
تنهن سفر ۾ سونهان ٿي ڪا راهه هلوس ڏيکاري.

مريضِ محبت "خاطي" ڪيرئي، جو احوال سُڻي هي،
بستري بيماريءَ واري تان يار اچوس اٿاري.

◈◈

مونکي ڪلندي تو ڏٺو، پر ڪاش روئندي تون ڏسين،
منهن تان لاڙون لڙڪن سنديون، اي ڪاش وهندي تون ڏسين.

وسري ويون سڀ ڪل خوشيون، ٿي رات سڏڪن سان ڪٽي،
هِي بسترو ڪوسن ڳوڙهن سان ڪاش پُسندي تون ڏسين.

اوهيرا اوهيرا ڪري، جئن مينهن ساوڻ جو وسي،
منهنجي اکين مان آب تئن، ئي ڪاش وسندي تون ڏسين.

مرڪون چپن تي ٿو ڏسين، سمجهو ٿئي ڪو ڏک نہ ٿم،
لوڪان لڪي جي لڙڪ لاڙيان، ڪاش اگهندي تون ڏسين.

سڏڪن اڇنگارن سندا، نغمہ ٿٿن جي دل منجهان،
”خاطي“ ڪڏهن محفل اندر، سي ڪاش چوندي تون ڏسين.

◈◈

سڄي رات چوليون! چلندي گذاريم،
هو مانڊاڻ من ۾، لچندي گذاريم.

لڳو تيز طوفان دل جي دنيا ۾،
وسي گڏ وِڄن سان گڙندي گذاريم.

ٻڌو هوم پيٽا ٿين ٿا ٻڏيء جا،
ملي شال ميهر ٻڏندي گذاريم.

نہ سک سان سمهڻ ٿي ڏنو يادگيرين،
اميدن ۾ ٻرندي، اجهندي گذاريم.

ٻني ياڻَ جي کي، لڳي باهہ جئن ٿي،
اندر ئي اندر تئن، دکندي گذاريم.

پريشانيُنِ سان پيو پاند پُختو،
رڳو راحتن سان رسندي گذاريم.

رُئڻ ٿي گهريم پر نہ روئي سگهيس چو؟
لڳو پو بہ ليڪن، روئندي گذاريم.

اڳي پوبہ لنگهڻو، هيو لڪ ڏکئي مان،
سٺو پاڻ ان مان، سجهندي گذاريم.

سدا سمجهيم ٿي، وڏندو رهان ٿو،
نهاريم جو پويان، ڪٽندي گذاريم.

ڏکن ڏاڍا ”خاطي“ ڏئي ٽانڊا چڏيا،
حياتي ڦلن جئن، پُڄندي گذاريم.

◈◈

جڳ ۾ جيڪر جيئڻو آ پيو،
خوش هر حال ۾ رهڻو آ پيو.

هِي سورَ ڏنا جن جن ساٿين،
مرڪي تن سان ملڻو آ پيو.

جامِ شيرين جن ٿي پيارِيا،
زهر بہ تن جو پيئڻو آ پيو.

ديدار پلو سينگار ڪان آ،
هر هر هن ڏي ڏسڻو آ پيو.

قرب جي مليو ڪيرئي ڪي پوءِ،
خوش ٿي "خاطي" ڪلڻو آ پيو.

◈◈

منهنجي اڳڻ اچين جي محبوب مهربان،
تنهنجي ڪريان سڄڻ مان مرڪن سان آجيان.

دل ۾ ٽڙي پوندا پو پيار جا ڪنول،
توکي ڏسي سجائبو اکين جو آشيان.

جذبا جيڪي اندر مان، آهن ڦٽي اُٿيا،
سي گيت بيت پيارا توکي ئي ارپيان.

ڇا ڇا نہ رنگ ٽيندا جنهن شب هتي ايندين،
هِي رقص ڪندا ڪوڪب ۽ قمر ڪهڪشان.

هٿڙا ڇمي ڇپن سان توسان گلي ملان،
تنهنجن دراز ”خاطي“ ذلفن سان ڪيڏيان.

◈ ◈

تو سواءِ تڙپان لڇان ۽ گهاريان اهڙي طرح،
جئن اڪيلي ڪونج ڪرڪي آهيان اهڙي طرح.

ڏئي سلامي نگاهہ جي ۽ مرڪ جا موتيا ڇٽيان،
جي اچين محبوب ڪريان آجيان اهڙي طرح.

گل ڇٽي هر گام تي ۽ گلم غاليچا پلنگ،
روشنيون خوشبو سجايان آشيان اهڙي طرح.

ويس وهنجي سهنجي پائي تيل ۽ سرما ڪري،
پاڻ ڪي مان تنهنجي خاطر ٺاهيان اهڙي طرح.

چاهہُ دل وارن جو ڌرتي ديس سان جهڙي طرح،
توکي ”خاطي“ خان محمد چاهيان اهڙي طرح.

◈◈

محب خوشيون مان ملهايان، جي اڳڻ منهنجي اچين،
سيج گلڙن جي وڇايان، جي اڳڻ منهنجي اچين.

سا گهڙي ڀانئيان سڀاڳي ڀير پائين جنهن گهڙي،
عمر ڀر ٿورو نہ لاهيان، جي اڳڻ منهنجي اچين.

هڪ دفعو هي حال دل جا، دل گهريا توکي سڻيئي،
روبرو ويهي ٻڌايان، جي اڳن منهنجي اچين.

تنهنجي آمد جو ٻڌي مان لک تياريون هت ڪيان،
مشق عنمبر مان ڇٽايان، جي اڳن منهنجي اچين.

ان خوشيءَ ۾ خان محمد سور سڀ ڀلجي وڃان،
توکي سيني سان لڳايان، جي اڳڻ منهنجي اچين.

◈◈

مليو هي درد مونکي پو ٿيو سڀ ڪجھ تہ ڇڻ حاصل،
اها دل ڪين دل ڇئبي ڏکن کان خالي آ جا دل.

ڏنو مونکي مٿل منهنجي آهي هِي درد تحفي ۾،
ڪئي جا مهر محبوبن نہ آهيان مان انهي قابل.

مزو منهنجي ئي مارڻ ۾ مليو هن کي جِي بسم الله،
دعائون دل تہ ڏيندي آ، هجي خوش شال هو قاتل.

پيري جي سرڪ سورن جي، مون وانگي جي ڏسو هيڪر،
رهو پوءِ ڪين ڪي ڪڏهين گهڙي هڪڙي بہ ٿي غافل.

هنن سورن جي صدقي ۾ ملي منزل آ "خاطي" کي،
نہ ڪا پرواهہ ان جي آ سڏيو مونکي ڪٺي پاڳل.

◈◈

مون ڏي تون ڏُکي آئين ان مهل وٽئين ڏاڍو،
کلي نيڻ کٽي آئين، ان مهل وٽئين ڏاڍو.

هڪ ڦول اڳي چهرو، ذلفن جو مٿان ان جي،
گل پيو بہ ڪيڏي آئين، ان مهل وٽئين ڏاڍو.

کٽيون پي ٿميون کي ۽ وارن ۾ کي اٽکيل،
مينهن ۾ پسي آئين، ان مهل وٽئين ڏاڍو.

پهراڻ اڇو پائي، ڪارائيءَ ۾ ڪارو،
سڀڙو تون ٻڌي آئين، ان مهل وٽئين ڏاڍو.

ڪچڙيءَ منجهند جو ڪلهہ نلکي تي منهن ڌوئڻ،
ننڊ مان تون اٿي آئين، ان مهل وٽئين ڏاڍو.

چانڊوڪيءَ ۾ سهٽا چوڏهينءَ جي چنڊ هيٺان،
سنبري ۽ نهي آئين، ان مهل وٽئين ڏاڍو.

ڦاٽلڙا لتا ٿورا ۽ وار تڙيل اٽيا،
سرمو نہ وجهي آئين، ان مهل وٽئين ڏاڍو.

رومال هيٺي هٿ ۾ چشمو بہ لڳل "خاطي"،
جهلي ڪار لهي آئين، ان مهل وٽئين ڏاڍو.

◈◈

زماني جي گردش ڪيو توڪان دور آ،
رقيبن ڦٽايو نہ ڪنهن جو قصور آ.

ڀلي ڪر عنايت تون پنهنجن تي پلپل،
پراون سان پاپوهہ ڪھڙو ضرور آ.

سچن عاشقن لئہ جنم قيد ـ سولي،
حسن جي حڪومت کي ڪيڏو غرور آ!

ڪڏهوڪا اسين يار وسري وياسين،
مگر هت تہ هر دم اوهان جو ئي پور آ.

لوڙهي وقتَ واري تکي تيز ڌارا،
اتي ”خاطي“ آندو جتي سرجيو سور آ.

◈◈

تنهنجي در تي گدا بنجي، آچي پهتس عنايت ڪر،
سراپا خود صدا بنجي، اچي پهتس عنايت ڪر.

ويو اجڙي چمن دل جو سمورو پيار لٽجي ويو،
هٿين خالي صفا بنجي اچي پهتس عنايت ڪر.

سهڻن ڪان وڏ ستم مونتي ڪيو ظالم سماج آهي،
زماني ڪان خفا بنجي اچي پهتس عنايت ڪر.

خدارا ترس ڪائي تون نگاهه ڪرم ڪر مونتي،
سوالي اڄ مٺا بنجي اچي پهتس عنايت ڪر.

ڪندو هي زندگي ڪيريو وقف تنهنجي ئي قدمن ۾،
سڄو ”خاطي“ خطا بنجي اچي پهتس عنايت ڪر.

اِتي بيهه ڪجھ اک ملائي وٺان مان،
هي جلوا اکين ۾ سمائي وٺان مان.

اکين منجھه صورت ٿرڻ جو فسانو،
حقيقت انهي کي بنائي وٺان مان.

سهڻي تنهنجي صورت اکين ۾ اتاري،
سدائين لئہ سهڻا لڪائي وٺان مان.

پنهنجي منهن توسان پوءِ ڳالهيون ڪندس پيو،
سڄڻ روبرو ڪجھ ٻڌائي وٺان مان.

عمر ڪان رني دل نماڻي آ "خاطي"،
گهڙي ڪن انهي کي ڪلائي وٺان مان.

◈◈

رخ تنهنجي مان ناز پرور رنگ نوان نروار ٿيا،
تو ڪئي جلوي نمائي، سڀ جهڪا سينگار ٿيا.

ذلف کولي تون جڏهن محفل اندر داخل ٿئين،
سونهن تو واري ڏسي، سهڻا لڄي لاچار ٿيا.

ذلف جهٽڪي سان هٽائي منهن جڏهن ظاهر ڪيئي،
ان ادا تي ڪيئي عاشق مون ڏٺو ٻلهار ٿيا.

عمر ساري جي سڪيا ها تنهنجي درشن واسطي،
دل جليا في الحال سرها  اوچتو سرشار ٿيا.

تيز تجليون تنهنجي نيڻن مان ٿي نڪتيون نور جون،
تون جڏهن مرڪئين مٿا تي چؤطرف چمڪار ٿيا.

سونهن ۽ سرهاڻ سان محفل سڄي وئي واسجي،
گل پڪيڙيئي گفتگو جا هر طرف هٻڪار ٿيا.

وقت ڪان عاشق گهڻا حيران هڪڙي جهلڪ لئہ،
ڀاڳ "خاطي" ٿيا ڀلا جو دوبدو ديدار ٿيا.

ڇو نہ ٿورا مڃان، آئون ٿورائتو!
قرب ڪيڏو ڏنئي تون تہ قربائِتو!

مونسان چاهت ڪري ڪيڏا صدما سنئي،
ڪم هِي ڪيڏو نہ هو جيءَ جوکائِتو.

قابل رشڪ آ تنهنجي ننڍڙي وهي،
هر ادا ناز انداز شانائِتو.

تنهنجي تبسم مٿان پيارُ مونکي اچي،
تنهنجو مرڪڻ مٺا خوب ملهائِتو.

شل خدا دشمنن کان بچائي رکئي،
شل ٿڙين گل ٿڙي جيئن کو منداٿو.

منهنجي ڪارڻ پرين تنهنجي چاهت ڏسي،
روز "خاطي" جو روح آسائِتو.

◈◈

اڄ ملي محبن ڪيون ڪي، مُلَهہ مهانگيون ڳالهيون،
نينهن جون نازڪ نيون ڪي، ملهہ مهانگيون ڳالهيون.

چاهہ مان چپڙا جي چوري، گلبدن گفتار ڪئي،
واهہ جو مونکي وٽيون ڪي، ملهہ مهانگيون ڳالهيون.

لفظَ لالڻ جا مٺا سڀ، نقش دلڙيءَ تي ڪيم،
ٿي ڀڏم، ڳٺتيون ويون ڪي، ملهہ مهانگيون ڳالهيون.

آ مٺو محبوب منهنجو، تيئن مٺي ٻولي اٿس،
ٿو ڪري اهڙيون مٺيون ڪي، ملهہ مهانگيون ڳالهيون.

خان محمد ڪيرئي سان، چا تہ راڻل راز جون،
سڪ منجهان سهٽل سليون ڪي ملهہ مهانگيون ڳالهيون.

◈◈

مٺا محبوب ماڙ ڪيو، ڏسي مغموم اي جاني،
مدد مسڪين جي ڪريو، سڏي مظلوم اي جاني.

نظر جي ڪر عنايت بس، ٿهي پئي زندگي منهنجي،
بچاءِ اجڙڻ ڪنان جواني، منهنجي معصوم اي جاني.

هِي هڪ هڪ وارُ هر دم پيو، دعاءِ دلربا ڏيندءِ،
سڻايان سورَ ڇا پنهنجا، اٿئي معلوم اي جاني.

سدا لڪ لڪ منهنجا سائين! اميدون آسرا تو ۾،
اگهاءِ ڪٺي اهي حاڪم! گهري محڪوم اي جاني.

سڄڻ سرڪار تون آهين، سڀئي تنهنجي تہ وس ۾ آ،
سدا ”خاطي“ هي خادم آ تہ تون مخدوم اي جاني.

◈◈

راهون مان روز تنهنجون روئي ڏسان ڏسان،
هڪ منٿ ناهي مهلت، هر دم لڇان لڇان.

گهيرو ڪيو غمن آ، دردن بہ دل لُٽي،
دانهون رڙيون ۽ ڪُوڪُون، دم دم ڪيان ڪيان.

ڪانگل ڪيئي اڏايان، قاصد ڪري ڪري،
رت ۾ ملائي ڳوڙها، خطڙا لکان لکان.

”خاطيءَ“ سان ملي وڃ، پرديس جا پرين،
هت سال ٿي ويا ٿم، سڪ ۾ سکان سکان.

◈◈

محبت ۾ هڪبئي جا راڻا هجون ها،
۽ هڪبئي جي ڳل جا ڳانا هجون ها.

جيڏا نہ وارَ تنهنجا گهاٽا اٿئي پرين،
ايڏائي پاڻ ۾ پڻ گهاٽا هجون ها.

ڪپڙي اُٽيل اندر جئن ڌاڳن جو ربط آ،
اي ڪاش ان اٽت جا ڌاڳا هجون ها.

ٻيرن جي وچ ۾ جئن ڪو ٽالهي جو وڻ هجي،
تيئن ئي پريميُن ۾، ساوا هجون ها.

هرپل هميشہ جت ڪت گڏ گڏ هجون پرين،
اي ڪاش هڪبئي جي آشا هجون ها.

خاموشي ساز تي پئي منزل ملي اها،
خود ماٺ هوندي ليڪن واڄا هجون ها.

سچ جي سڪار خاطر سر گهورَ تي پئون،
"خاطي" سڏا سڀاجها سادا هجون ها.

◈ ◈

الهڙ جواني جڏهن اڪاري شباب ورتا گلاب ڇهرن،
ڪليون ٽڙي گل ٿيا تہ آخر حجاب ورتا گلاب ڇهرن.

اميد ديدار جي رکيسون، اسان اکين جي ٺڌاڻ خاطر،
دڪان ساڙيون، جتان جتان هي، نقاب ورتا گلاب ڇهرن.

ڪتابي ميلي اندر اچي ويا، پسند چا ٿن پتو ويو پئجي،
ڪهاڻين شاعريءِ غزل جا، ڪتاب ورتا گلاب ڇهرن.

اسان حياتي سِڪي ڪَٽي پر، اهي وڏا خوشنصيب ڇئبا،
گل فروشن وٽان جنين لئہ، گلاب ورتا گلاب ڇهرن.

پلي شڪاري هجن وڏا پر، نگاهہ ـ گولي گسي نہ تن تان،
شڪار خود ٿيا، اهي هٿن سان، عقاب ورتا گلاب ڇهرن.

خوشي ڏيڻ آ عمل پلو سو، ٻہ ٻول ٻولي دليون ڪٽيائون،
گناهہ ”خاطي“ اسان جي ڪاتي، ثواب ورتا گلاب ڇهرن.

◈◈

ڪيڏو حسين انبر ڪيڏي حسين ڌرتي،
سبحان الله ڇا ڇا خالق آ سونهن خلقي.

ڏس بادلن جي بيهڪ آڪاش جي اڱڻ تي،
صورت جدا جدا جن رنگت عجيب ورتي.

ڏيئا وسامجي ويا تارا لڪي ويا سڀ،
جلوي نما پئي ٿئي هڪ چنڊ جي جو هستي.

رنگين خوبصورت هي گل نفيس نازڪ،
مالهيءَ ڪيئن اپايا؟ مالهي وڏو آ خفتي.

هي چنڊ ۽ ستارا، سهڻا گلن نظارا،
ست رنگ انڊلٺ جا، آهن خدا پُرستي.

جهرڻا جبل نديون ۽ دريا سمونڊ صحرا،
پوپٽ پکي فصل سڀ هر سونهن ساهہ ـ پرتي.

تارن بہ سج لٽي ڪان لاٽي ٽمڪ ٽمڪ آ،
ڏورئون سجهي پئي ڇڙ بيرا ڳيُن جي بستي.

دنيا اندر حسن جو ڪو ڇيهه ڪونهه آ پر،
منهنجي حسين سنڌڙي منهنجي حسين سرتي.

اپ ۽ زمين جا سڀ منظر حسين پو پي،
ماڻهوءَ جي سونهن پنهنجي ماڻهوءَ جي پنهنجي مستي.

ها! جهنگ ۾ به سهڻا ٿا گل ٽڙن ڏسون ٿا،
گهاري ٿي جهوپڙين ۾ انمول سونهن سستي.

نيڻن جي ڍنڍ ڇا هئي! لوڙهي ڇڏيائين ٻوڙي،
هڪڙي نهارَ سان ئي، ڪيئن هوش واري ڪشتي.

هڪ مرڪ ۾ هزارين، چڻ زندگيون سمايل.
سا مرڪ ٿي جياري الهام ٿي الستي.

ڪنهن دين ذات جي ڪا ميراث سونهن ناهي،
سينگار ـ ويس مان هيءَ مونکي لڳي ٿي مهتي،

معصوميت ڪشش ڪئي ۽ سادگيءَ موهيو،
هن جي حياءَ ”خاطي“ ڪئي دل زيردستي.

◈◈

دل دل جي صدا هوندي!
دک جي ڪا دوا هوندي؟

اڌ رات اٿي روئي،
لبڙن تي دعا هوندي!

لاعلاج مريضن لاءِ،
ڪنهن جاءِ شفا هوندي؟

احتياط ڪجي ڪهڙو؟
پرهيز تہ ڪا هوندي؟

دک لاءِ سواءِ دل، ٻي،
مهمان سرا هوندي!

ڇا درد فنا ٿيندو؟
هر چيز فنا هوندي!

وڻ هيٺ دڪايل لئہ،
فطرت جي سخا هوندي.

هر لهر سمونڊ سندي،
اظهار سوا هوندي!

هر لڙڪ سندي پنهنجي،
دردن جي ڪٿا هوندي.

آ ميڙ هزارن جو،
پر هن جي پڇا هوندي!

راضي جي ٿيو آ ”هو“،
رب جي رضا هوندي.

هي ڏوهہ، وڏو ايڏو!
”خاطيءَ“ جي خطا هوندي!

◈◈

عشق کي سونهون ڪري هلجي نہ ڇو؟
منزلِ مقصود تي رسجي نہ ڇو!

حسن وارو جي هجي ڪو باوفا،
پو غلامي ان سندي پرجي نہ ڇو؟

هر قدم تي ساٿ جو ڀرپور ڏي،
تنهن کي پنهنجو سمجهجي سڏجي نہ ڇو؟

دل اڪيون محبوب جو مسڪن هجن،
روح سان رلمل پرين رکجي نہ ڇو؟

جي هِتان بند واهہ ٿي وئي، خير آ!
پيو ڪٿي رستو ڪٿان ڪڍجي نہ ڇو؟

پيار جي ٻولي جي سمجهن هو نہ ٿا،
حق ڇني پنهنجو ڀلا وٺجي نہ ڇو؟

ڇو ڏجي نقصان ۾ پئجي ڀلا،
نانگ کي نوڙي ڪري جهلجي نہ ڇو؟

دل شڪستو ٿي جيئڻ ڪان آ ڀلو،
مڙس ٿي سچ لئہ وڙهي مرجي نہ ڇو؟

عشق ”خاطي“ ڪوڙ پيڙا تاريا،
عشق کي ترهو ڪري ترجي نہ ڇو؟

◈◈

دلدار نوازي جي ديدار جي شرفن سان،
سڀ سور وڃن وسري هڪ منٿ ۾ حلفن سان.

هن دل جي دنيا ۾ تئن ٿيون ڪوڙ پرن آسون،
جئن روم ٿئي روشن بجليءَ جي بلفن سان.

مون چوندي ڪئي هن جي آ ڪجهه تہ ڏسي يارو،
هر چيز سجاپي ٿي وجه وڙ ۽ وصفن سان.

انسان عجيب آهي، هو ڇِي بہ مري بہ سگهي،
ٿو هڪڙي نظر سان ئي هڪڙن ئي يا حرفن سان.

ڪا سونهن پسي مونکي، ايڏي آ خوشي ملندي،
ڇڻ ٿڌڙي لسي آ ملي، لاهياري ڪي برفن سان.

ظاهر ۾ تہ هو ۽ مان ڇڻ واو ۽ الف جدا،
تصور ۾ تہ گڏ آهيون جئن لام ڪي الفن سان.

ميزائيلَ نيڻن جا، ڪٿ شاهين ۽ غوري،
ڪيئن پيٽيان سي "خاطي" نيشان ۽ حدفن سان.

◈◈

ڪين سمجھو مان قلم مان مس ٺلھي ڳاڙيان پيو،
دل جي دردن کي لکي ڪاغذ مٿان ھاريان پيو.

منھنجون ڪيھون روز ريھون کو ٻڌڻ وارو نہ آ،
پنھنجي پَرِ ۾ مان پڪاري اپ سڄو ڦاڙيان پيو.

آ پيالو ڇڻ پنو ھي اوتي جذبا ان اندر،
لڙڪ لاڙي سور ڏک جي لوڻ کي ڳاريان پيو.

صاف لفظن ۾ ڪٿي ڇئو جيئرو آھين اجا؟
دوستو ڇو ٿا پڇو مان ڪئن پلا گھاريان پيو.

ھي بہ ھن جي ياد جو مؤثر نمونو سمجھجو،
روز مان ھن جي ذڪر سان دل دکي ٺاريان پيو.

ھو تہ پائي جھاتڙي گم ٿي ويو پردي اندر،
مان مسلسل ايندي ويندي سا دري تاڙيان پيو.

سال ٿيا ناھي مليو ھو پر اجا وسريو نہ آ،
ديپ دل ۾ اڄ بہ ھن جي ياد جا ٻاريان پيو.

وڻ وليون ٻوٽا پکي سارين جئن وسڪار کي،
تئن الا ”خاطي“ سڄڻ کي ساھہ سان ساريان پيو.

◈◈

پلو ٽيوڙي پورل پلائي ڇڏيو ٿئي،
ڏئي ڏک هزارين ڏڪائي ڇڏيو ٿئي.

هُيس پوررڙو مان تہ ماڻهو مٺيءَ جو،
هٽي هڪڙي نوڪر پُرائي ڇڏيو ٿئي.

نہ آ وارُ واندو، سڄي جانِ زخمي،
سڄو جيءُ جاني، جهرائي ڇڏيو ٿئي.

مئي بعد ميَت جلائن هندو ٿا،
مونکي تو تہ جيئري جلائي ڇڏيو ٿئي.

ملڻ مونسان توکي گواره نہ آهي،
شڪر جو سويرو سُڃائي ڇڏيو ٿئي.

خدا پاڪ توتي نہ ناراض ٿي پئي،
ڪري ڏادِ ڪيريو رُلائي ڇڏيو ٿئي.

دلڙي ٿي مٺا چاهي شعرن ۾ لڪان توکي،
سا عڪس ڪري صورت پلپل ۾ پسان توکي.

هن دل جي مٿان دلبر تصوير لڳل تنهنجي،
سي نقش اتاري پوءِ صفحن ۾ پڙهان توکي.

سا سونهن سمائي سڀ گيتن ۾ چڙيان تنهنجي،
هر وقت ڏئي پيرا سٽ سٽ ۾ ڏسان توکي.

اکرن ۾ چڙيان اوتي جلون جي جهلڪ تنهنجي،
هر وقت هجين آڏو نيڻن تي رکان توکي.

مرڪز تون مٺا منهنجي جذبن ۽ خيالن جو،
تصور ۾ تہ روزانو چاهت مان چمان توکي.

هي ”خاطي“ ڪٿان آڻي سي لفظ ثنا وارا،
جن ساڻ عقيدت سان سهڻا مان سڏيان توکي.

◈◈

ڳُهتي ارمان پنهنجا سڀ اڪيلا بس جيون ٿا پيا،
اسين قاتل زهر ڪي پي ڪري امرت پيون ٿا پيا.

نہ ڪو پڇي ڪڏهن سگهبو اوهان تائين خبر آهي،
تڪي پو پڻ چڪورن جئن اوهان ڏي ئي ڏسون ٿا پيا.

سٺي وجهندي اها واچڙ زماني جي نگاهن جي،
پکيءَ وانگي اسين پوءِ پي اجا اڳتي اڏون ٿا پيا.

سر مِحفل شمع سڙندي، پگهاري پاڻ ڏيکاريو،
مگر گمنام گوندر ۾ اسين هر دم جلون ٿا پيا.

نہ ڪي چڙواڳ جذبن ڪي ڪڏهن آهي اسان ڇڏيو،
متان رنج ڪو رسي ڪنهن ڪي اسين ايڏو ڊڄون ٿا پيا.

ڪئي ڪوشش چئي ڪيريو زماني خوب رئاڙڻ جي،
مگر پرواهہ ڪانهي ڪا اسين خوش خوش کلون ٿا پيا.

◈◈

جهڪيل مونڊي ڪنئي نازڪ، نظر آهستي آهستي،
ڪيو آخر هن آهُنِ، اثر آهستي آهستي.

دکي دلڙيءَ جي ڌڙڪن اچي آخر تہ رنگ لايو،
ڦڙي مان پيار جو بڻيو بحر آهستي آهستي.

ڦڙو قطرو مسلسل جي ڪِري پاڻي پٿر تي ٿو،
ٻڙي پوندو اهو آهي پٿر آهستي آهستي.

هئي قسمت مٿان ڇانيل ڪا ڪاري رات جي چادر،
اميدن جو اچي اڀريو سحر آهستي آهستي.

ڪلي اڄ خان محمد سان مليو محبوب محفل ۾،
ڪُلي وئي خلق ساريءَ ۾ خبر آهستي آهستي.

◈◈

آجيان ڪئي پيار سان هر گهٽي هر گس هئي،
هن شهر ۾ چاهه جي ڪا چڪي مون چس هئي.

مون جڏهن هن کي ڏٺو ساهه ڇڻ نڪري ويو،
هن جڏهن مرڪي ڏٺو پئي نچي نس نس هئي.

ٿي مسلسل محب وٽ مينهن مرڪن جو وٺو،
قرب جي ڪڪرن سندي ٿي وئي ڇڻ لس هئي.

نيوڪلاٽ ۾ حسن جا ڇا ته سهڻا رنگ ها،
ڪامڻين جي هل اتي ڪيڏي ڪلهي گس هئي.

اگه وڏا، ريشم گلي پو ٻه چاهت چوٽ تي،
وٽ وٺان واپار جي هر گهڙي هٿ- ڪس هئي.

مون ٻچڻ جا ڪيترا وس ڪيا حيلا ڪيا،
دل ته پنهنجي هئي مگر ٿِي وئي پَر ـ وس هئي.

هاڻ ويراني ڏسي، هانوَ ۾ هٿ ٽا پون،
ڄامشوري پل وٽان ڪالهہ ڪيڏي وس هئي.

”رنگ“ مون وٽ جام هو، راند هاريان ڪين ها!
پر هنن دوکو ڪري ڪئي پٽي جي ڏس هئي.

ٻاٽ ڪاري رات کي ڪير چيري چمڪيو،
بس رڳو هڪڙي تہ تيلي سنهي باڪس هئي.

ننڊ کان نفرت اٿم ان گهڻا غافل ڪيا،
ها! نهوڙي پڻ سسئي ننڊ ۾ آرس هئي.

مون ٽڪي مايوس ٿي ڪين ڪا ساهي پٽي،
سوپ ”خاطي“ عشق ۾ پو ملي مس مس هئي.

◈◈

ڪڏهن توکي قربت جو احساس ناهي،
ناهي توکي الفت جو احساس ناهي!

اهي ڪارون بنگلا منهنجي ڪهڙي ڪم جا؟
جڏهن توکي غربت جو احساس ناهي.

وڏا ماڻهو! سمجهيم منهنجو يار آهين،
مگر توکي محبت جو احساس ناهي.

وڇوڙي جا وڍ جي سٺا جنهن به ناهن،
انهي کي ته فرقت جو احساس ناهي.

ڪئين ڪنهن جي دل ۾ جڳهه جوڙبي آ،
سڄڻ توکي شرڪت جو احساس ناهي.

رڳو آهي پنهنجي ئي مطلب سان محبت،
غلامن جي خدمت جو احساس ناهي.

مزن ۾ وڏيرن اميرن جا ماڻهو،
خدا واري خلقت جو احساس ناهي.

خبر آهي ”خاطي“ متان يار سمجهين،
نگاهن جي نفرت جو احساس ناهي.

محل ۾ ماڙيون سڀ زهر ٿيون لڳن،
مصرِيون ماڪِيون سڀ زهر ٿيون لڳن.

پياريون پياريون ڪارِيون راتيون،
چنڊ راتيون سڀ زهر ٿيون لڳن.

ڪاله ڪنڊن سندو ساٿ هو پڻ متو،
اڄ گلن ـ جهاتيون سڀ زهر ٿيون لڳن.

دورُ بدليو تڏهن دشمنين کان گهٽو،
دوستِيون گهاتِيون سڀ زهر ٿيون لڳن.

جهٽڪ سهٽي جي جهنڪار، پر غيرن جون،
گيت ۾ ڪافيون سڀ زهر ٿيون لڳن.

چاڪ دل جا چڪن، ماٺ ڪويل تنهنجون،
منڙيون لاتِيون سڀ زهر ٿيون لڳن.

جن شين سان ڪڏهن روح ـ راحت هئي،
سي شيون ساڳيون سڀ زهر ٿيون لڳن.

جيءُ خوش آ تہ "خاطي" جهان خوش لڳي،
اڄ خوشيون ساريون سڀ زهر ٿيون لڳن.

◈◈

منهنجي محبتن سندو پهريان شمار ڪر،
مونسان پوءِ تون پرين ايترو پيار ڪر.

آئون ٿي پوپٽ اچان خوشبو تنهنجي جي وٺڻ،
تون ٽِڙي ڪُلي مٺا، گل جيان نکار ڪر.

دل جي هن ڪچي دلي جي مٿان پڪا پڪا،
پيار ۽ وفا سندا نقش ۽ نگار ڪر.

مون تہ سڀ خيال احساس توکي ارپيا،
تون بہ ڪجھ ڪٿي تہ دلِ جي دنيا نثار ڪر.

منهنجي جهولي خالي آ سا جهلي "خاطي" اٿم،
پنهنجي پيار چاهتن سان ڀري ڇڪار ڪر.

روئي روئي اکين مان آنسون کُٽي ويا،
سڀئي آسرا جيئري ئي مري ويا.

سڙي ويو هِي گلشن جڏهن چاهتن جو،
اميدن جا آخر تہ پوپٽ اڏي ويا.

لڳي ٿي حياتي گلابن جي مالها،
انهي هار جا گل مرجهي سڪي ويا.

وندر ها کلونا خوابن جا مون لئہ،
رهان راند ڇا سان سي سپنا ڀري ويا.

ويڳاڻپ جي ويلي وڇايم ٿي ويهي،
اها تار تندون بہ پيارا ڇني ويا.

شمع تي ڏنو مون هو انجامِ محبت،
پتنگن جا لاشا ڪفن بن رلي ويا.

رکي آس آئي تہ بلبل کتان پر،
خزان جي کري پن گلن جا ڇڻي ويا.

پکا پيچ ها پاڻ ۾ جي دلين جا،
سي ڳنڍيون ڳانڍاپا ائہ ڇو ڇڙي ويا.

لڳي باھہ جيون جي لوڙهي کي جنهن ۾،
کي احساس ماکي مانارا سڙي ويا.

وهِي تيز ڌارا ڌِي لڙکن جي "خاطي"،
انهيء ۾ الاهي وجود ئي وهي ويا.

◈ ◈

سوين سڌ نڙيءَ ۾ ويا يار رکجي،
اڌورا اکين ۾ پيا لڙڪ اٽڪي.

نہ اچڻو هو توکي نہ آئين پرين تون،
نهاري نهاري پيا نيڻ ٿڪجي.

تو تائين پچڻ لئہ اميدن جا پنڇي،
اڏامي اڏامي پيا نيٺ سهڪي.

ڏسي ڏار توکي مونکي اڄ اڪيلو،
پيا پنهنجا سڀ يار اغيار شڪجي.

وسارڻ تنهنجي جي پڇي رک جو ويٺس،
وري ياد جا هي پيا گهاءُ پڙجي.

چڪوري ۽ چنڊ جيئن توڏي تڪيندي،
ويا حسرتن ۾ ڪيئي سال ڪٽجي.

خوشيون خان محمد ويون موڪلائي،
رڳي ڪلپنائون ويون روح رهجي.

پيار ۾ اي پرين تو آ پاڳل ڪيو،
مان تہ سياڻو هُيس توئي جاهل ڪيو.

تنهن جي هر هڪ ادا پر اثر ٿي پرين!
مرڪ موهي وڌو، گهورَ گهايل ڪيو.

زندگي خوش سدا مون گذاري هئي،
ٿي جدا جيء ۾ غم تو شامل ڪيو.

نہ تہ هي ويندو ٻڏي تنهنجو خادم سڄڻ،
ڪو سهارو ڏئي ويجهو ساحل ڪيو.

ڪين ٿيندي دوا تنهنجي بيمار جي،
پاڻ پنهنجي دوا خاني داخل ڪيو.

خون ”خاطي“ اميدن جو ناحق ڪري،
سنگدل ڏس سچي چا تو حاصل ڪيو.

◈◈

هي پيار ڪيو مون سڪي هن پيار جي پارت ٿئي،
اظهار ڪيان ٿو ڏجي اظهار جي پارت ٿئي.

سُٺُ ڪين هي سڦرو آ، جي عيب اڪيليندي،
عيبن سان ڀريل آهيان عيبدار جي پارت ٿئي.

هي دردَ ڀري دل سان در تنهنجي پڳو سائل،
هي پيار جو سوالي آ، پينار جي پارت ٿئي.

مان جوڙ جتيءَ ناهيان پيرن جي پٽي سمجهو،
همسر نہ سڏايان ٿو، حبدار جي پارت ٿئي.

جذبن جو ڀرم رکجان هيءَ پاڪ محبت ٿئي،
قربن جو قدر ڪر تون، قربدار جي پارت ٿئي.

”خاطي“ جون خطائون ڇڏ، تون پنهنجي ستاري ڏس،
مان گولو گدا گدلو، گنهگار جي پارت ٿئي.

◈◈

گذار خوشيون پلي پين سان غمن ۾ توسان شريڪ ٿيندس،
رقيب گڏ گڏ گلن ۾ هجني، ڪنڊن ۾ توسان شريڪ ٿيندس.

نہ تو نڀايو نہ خير آ پر پيار پنهنجو تہ مان پڄايان،
بزم مان نڪتل سهي بہ ليڪن، برن ۾ توسان شريڪ ٿيندس.

لکي ڏنو هَئي تہ غور ڪندس،چيو هُيئي مون تہ مرضي تنهنجي،
جواني جن سان وڃائي گذارج، اڇن ۾ توسان شريڪ ٿيندس.

جنين جي اڄ ٿو ڪڏين ڪلهن تي سي وقت ايندو نہ ويجهو ايندءِ،
ڦٽي سمورو ڦِٽي ڪندءِ پو، ڦٽن ۾ توسان شريڪ ٿيندس.

هاڻي تہ هاها توکي ئي حق آ، جيڪو وڻئي سو پلي ڪندو وت،
مگر ڪڏهن مان هي ياد رکجان حقن ۾ توسان شريڪ ٿيندس.

هجين هميشہ تون شاد ”خاطي“، ڪڏهن لڳئي شل نہ واءُ ڪوسو،
ڪڏهن بہ پر جي ڏکن ۾ ڦاسين، ڏکن ۾ توسان شريڪ ٿيندس.

◈◈

ريت ڪئي ختم پرين تو جڏهن حجاب جي،
مهڪ ڦهلجي وئي، تنهنجي پوءِ شباب جي.

رات هڪڙي آ جلي، تو لقب شمع ڏنس،
دل جلي عمر سڄي، مِهرَ ڪر خطاب جي.

خوشنصيب هان مٺا، جو ڪٿان اچي ڇٽي،
جهول منهنجي ۾ پئي، پنکڙي گلاب جي.

ٻول تنهنجو مون ٻڌو جو سريلڙو مٺو،
ڇڻ ٻڌم صدا مِٺي، بانسري رباب جي.

اڌ ٽڙئي گلاب جي مکڙي جهڙي مک مٺان،
ڪجهہ هٽاءِ ذلف جو، ڪن پيا نقاب جي،

چونہ "خاطي" ياد ٿي، پيار پنهنجي جي ڪٿا،
ڇڻ تہ آ لکت امر، پيار جي ڪتاب جي.

◈◈

ايڏا لسڙا آهن متي من جا ڳل،
جيئن پاٽيءَ ۾ ڪي پسايل ڪنول.

تهڙا رخسارن سان لبڙا ٿا وڻن،
جهڙا ڪير ـ پيالي گلابن جا گل.

ڏاڍو خوبصورت هو ٿي ٿو پوي،
چڏي چوڙي جڏهن ٿو وارن جا ول.

سوين ڪائناتون نگاهون سندس،
رهن ڪاريون ڪجليون ريءَ ڪجل.

سدا ملوڪ نڪ نڏيڙو ۽ ستو،
ڏند ڏاڙهون ڪڻا جينءَ مرجان مڙهيل.

◈◈

رڳو پير ئي سونهن جو مثال اٿس،
ملائم لسا هٿڙا ميندي رتل.

ڳچي هرڻيءَ وانگي سنهڙي ڏگھي،
وري ڪنڌڙا وار تنهن تي وريل.

ڦٽي حسن بدن مان ڦوهارن جيان،
ٻ جوڀن اٿس جينءَ سنڌوءَ اٿل.

سچو سونهن محبوب منهنجو اٿوَ،
نہ ثاني سندس سڀ ٻيا ڪي سهڻل.

هي "خاطي" نہ آهي ثنائي فقط،
گھڻا ڪيرئي جھڙا موهيا مٺل.

◈◈

منهنجي محبوب جي سامهون سڀئي سينگار گهٽ ڄاڻان،
سهڻا منظر نظارا ۽ چمن گلزار گهٽ ڄاڻان.

سڳنڌ سرهاڻ ۾ ثاني نہ پاڙيان ڪو پرينءَ سان مان،
عطر عود ۽ ڪثوري نا، فئہ تاتار گهٽ ڄاڻان.

مٺائيءَ ۾ نہ مٽ ڪوئي مٺو سڀني مٺاڻن ڪان،
پتاشا مصريون ماکيون، سڀئي اثمار گهٽ ڄاڻان.

نفاست ۾ نزاڪت ۾ چمڪ ۾ چنڊ ڇا پڇندو،
پڇي ڪوهنور ٿو ڪا ٿي، هيرا هربار گهٽ ڄاڻان.

سڄي دنيا ڇڏيان گهوري سندس قدمن تان ڪيريو چئي،
سهڻي جي سونهن جي سامهون، سارو سنسار گهٽ ڄاڻان.

◈◈

محسوس ٿين جوڀن جا ميل ڪان جهلڪا،
ڏس ڪاڪ جي ڪنوار يا تون مصر جي ملڪا.

تون سونهن سمنڊ سهٽي يا بحر حسن جو،
تو آڏو پيون سهٽيون ڇڙ ناليون نلڪا.

ان ڦوھ جوانيءَ جون ڇوليون ٻہ ڇوان ڇا،
جيئن هيرَ اترَ سان ٿين ڪينجهر ۾ ٿا ڇلڪا.

ڪوملتا سڳنڌ سونهن تي پنئور پنيوليا،
تنهنجو آ جسم جاني گلڙن پري ول ڪا.

قدبت جي رنگت پيهڪ خد خال نرالا،
سپ تاب شعاع تو اڳيان هڳاءَ ٻہ هلڪا.

ڪوھ ڪاف جي تون واسي يا اپسرا آهين؟
اڄ خان محمد سان ڳجهي ڳالھ تون سل ڪا.

◈ ◈

زماني لڳايو نهارڻ تي ڪرفيو،
ڪلي مرڪي ڳڌجي ڳذارڻ تي ڪرفيو.

خبر ناهي هاڻي هتي حال ڇا ٿئي،
لڳو آهي جيئڻ جيارڻ تي ڪرفيو.

لڳي ماٺ جا ويا ڪي تالا چپن تي،
هي آواز دل جو اٿارڻ تي ڪرفيو.

ڏسان پيو وڃي پيو اهو هُو وڃي پيو،
مگر ان کي پويان پڪارڻ تي ڪرفيو.

پراون تہ پي پي پريو پيٽ پنهنجو،
تہ پنهنجن کي ڇو آ پيارڻ تي ڪرفيو.

نہ ڪڇ ڪيريا تون ڇڱي چپ اٿئي اڄ،
اهي ڳالهيون هت پچارڻ تي ڪرفيو.

◈◈

اي مٺل نينهن لڳل توسان اٿم،
اي پرين الفت اصل توسان اٿم.

جيئن ڪڙيون آهن مليل زنجير جون،
جيءُ سهڻا تيئن جڙيل توسان اٿم.

تنهنجو آهيان پيو غلامي مان ڪندس،
قول هي پيارا ڪيل توسان اٿم.

ڪونہ توڪان ڌار ٿيندس مان ڪڏهن،
اي مٺا ناتو ڳنڍيل توسان اٿم.

خان محمد ڪيريو چئي اي پرين،
ساهہ هي سئيء سان سبيل توسان اٿم.

◈◈

تنهنجي حجابن ۾ آ ڪشش ديدار تنهنجي ۾ ڇا هوندو،
ساءُ ملي ديدار منجهان گفتار تنهنجي ۾ ڇا هوندو.

تو جي ڪلي هٿ يار ملايا مون بہ چمي چشمن رکيا،
هٿڙا ملائم هيڏا نرم رخسار تنهنجي ۾ ڇا هوندو.

ريءَ ڪجل هِي نيڻ ڪڪوريل، ڇڻ تہ ملهاري چپڙن تي،
سادگي ايڏي سونهن پري سينگار تنهنجي ۾ ڇا هوندو.

تنهنجي جفا مسرور ڪري ٿي رنگ وفا جا ڇا هوندا،
قرب ملي انڪار منجهان اقرار تنهنجي ۾ ڇا هوندو.

سوچ عقل عاجز ٿي پيا اسرار اجا تنهنجا اڳتي،
ڪاوڙ ماڪي مصري آ ”خاطي“ پيار تنهنجي ۾ ڇا هوندو.

محبوبن جي مرڪن ۾ جڻ مهڪيا موتيا پئي،
ساهن منجهه هڳاءَ تن سرها سرها اوتيا پئي.

جوڀن جلوا جيون ۾ پڙ پل ڪن سونهن ٿا،
جڻ تہ هوا گلڙا گلابي ٻوٽن تي لوڏيا پئي.

ڪيت سرنهن جي سهڻائپ ۽ خوشبو پنهنجيءَ سان،
روڊ ڪناري ايندڙ ويندڙ ماڻهو موهيا پئي.

مند بہ ساڳي باغ بہ ساڳيو جت آ ميلو ٿيو،
وڇڙڻ ويلي انب هي ساڳيا ٻور سان ٻوڪيا پئي.

سونهن ڏي منهنجو چاهہ بہ اهڙي طرح ڊڪي هردم،
ٻيرن چونڊڻ لئہ جئن ٻارڙا ٻيرِ ڏي ڊوڙيا پئي.

رات لڙيءَ جو رستي سان آوازن پڙڪا ها،
سنگت وارا محفل مان ٿي واپس موٽيا پئي.

سنڌ سنگت جي باغن جا ڦل ڪائبائي رهبا،
ورهاڱي اڳ اياز ماهيءَ جن جي پوکيا پئي.

جنهن پل جيون ڪان مون ٿي فرار ٿيڻ جو سوچيو،
محبوبي ادا تنهن پل "خاطي" رستا روڪيا پئي.

◈ ◈

تنهنجي حسن جون آهن هاڪون جتي ڪٿي،
مهڪون جتي ڪٿي ۽ ڇانون جتي ڪٿي.

تنهنجي پيار جي قدمن هر دل ۾ ناهيون،
راهون جتي ڪٿي ۽ واٽون جتي ڪٿي.

تنهنجي پريم واري سهڻي شجر سنديون،
ڇائون جتي ڪٿي ۽ لامون جتي ڪٿي.

سونهن تنهنجي جا بادل برسائيندا وتن،
بوندون جتي ڪٿي ۽ لارون جتي ڪٿي.

ڪيرئي توسان ملهايون سي يادگار هون،
صبحون جتي ڪٿي ۽ شامون جتي ڪٿي.

◈◈

دردن ڏکن جا دل ۾ آستانہ بنجي ويا،
هڪ مان نہ پر سوين هت ديوانہ بنجي ويا.

کي بيٺا ها برن ۾ ولڙين وکوڙيا،
کيئي شمع جلائيا پروانہ بنجي ويا.

جهاڳي جبل رليا کي راتيون رنا پئي،
سوريءَ سندا کي سورهہ نذرانہ بنجي ويا.

کن بادشاهيون ڇڏي مرليون وڄائيون،
مومل جي موهہ ۾ کي مستانہ بنجي ويا.

کيريا نہ کر اهو ڏک هي راز قدرتي،
"خاطي"! لکين نظر جا نيشانہ بنجي ويا.

◈◈

ساهه وارن ڪاڻ ٿي سرهاڻ آ،
ڪا حياتي ٽيندي خوشبوءِ ڪاڻ آ.

هن جي آمد جو ٻڌي تو گهنڊ وڏو!؟
چنڊ ايرڻ سان ٿيندي چانڊاڻ آ.

پيار جو گهر ٿي سگهي هرگز نہ ٿي،
جنهن بہ دل ۾ ٿورڙي ڪاراڻ آ.

جي وساري آ ڇڏيو هن مونکي پو؟
سوچيان ٿو هڏڪي ٿي ڇاڪاڻ آ.

گل سرنهن جا خوبصورت ڇو لڳا؟
عاشقن ڪي راس ڇو پيلاڻ آ.

اڳ نہ وڻندي هئي ڪلي جا پر اها،
سا گلاب آ ٿِي پئي ٿي جواڻ آ.

بچ! بلوغت ۾ قدم هن آ رکيو،
سا وهي اڪثر ٿيندي چرپاڻ آ.

تون مٺي! هڪڙي مٺيءَ جي ها تہ ڪر،
قرب ۾ ڪيڏي مٺي نہ مٺاڻ آ.

شخصيت هن جي آ ايڏي اونهي،
جيڏي ڪا ٿيندي سمنڊ ۾ گهراڻ آ.

ڪين پوڻن تي پيل ”خاطي“ ملن،
موتين جي جاءِ بس مهراڻ آ.

◈◈

دل ٿي گهري اڄ دلربا، پيارا پرين اڄ پيار ڪيون،
گڏجي مرڻ ۽ جيئڻ جا، محبوب اڄ اقرار ڪيون.

آهي اندر ۾ آرزو، قربن ڀريون ڳالهيون ڪيون،
ديدون ملائي دوبدو، دم دم رڳو ديدار ڪيون.

ويهي پرين ويرين اڳيان، دلين سندو واپار ڪيون،
دشمن جي پنهنجي پيار جا، تن کي ڏکي اڄ ڏار ڪيون.

رسمن اڳيان رانديڪو ٿي، ڪيسين جدا ٿي رهنداسين،
نفرت ڪري سڀ دور ۽، الفت سندو اظهار ڪيون.

جيئري ملون ”خاطي“ ٿئي، ڪهڙي خبر ڪيسين جِيون،
ناهي حياتيءَ کي بقا، پو پيا متان ويچار ڪيون.

◈◈

محبوب ماڻا تون ڪري، مسڪين کي ڇو مارين ٿو،
مون تي اکين جا تير تون، هر روز ڇو اولارين ٿو.

مان منٿ، تون ماڻا ڪرين، ناهي مناسب او پرين،
ڏس ڏوهہ ڪهڙي ۾ پنهنجي دروازي تان بہ ڌڪارين ٿو.

گلڙن جو ڪم آهي سدا، هر جاءِ خوشبو پيا ڏين،
خوشبو جي بدران تون وري، بلبل کي ڇا لئہ اڏارين ٿو.

هي خان محمد تنهنجو آ، خادم اصل کان او مٺا،
خادم کي سمجهي غير تون، ڇو ڏس پيلا آزارين ٿو.

◈◈

منھنجي محبت نئين ناهي، اها ڏاڍي پراڻي آ،
تنھنجي نانءُ سان شروع ٿي جا، تنھنجي نانءُ تي پڄاڻي آ.

اها بلبل آ، هي پروانو، ۽ رستي تي هو ديوانو،
تنين سيني جي جيون سان، ڳنڍيل قربن ـ ڪھاڻي آ.

پڇين ٿو حال ڇا دل جو، رتورت زخمي گھائل جو،
سا بيوس آ ۽ هيڻي آ، ويچاري آ ويڳاڻي آ.

هي شيشا ڪنڊا راهن ۾، نہ ڪي ٽانڊا نگاهن ۾،
اپا جي نانگ منزل تي، اها ”خاطيءَ“ ماڻي آ.

مس مس آ متا تنھنجو ديدار نصيب ٿيو،
ھي دوريون ڇڏي دلبر ڪجھ ھاڻي قريب ٿيو.

تو ساھ ٽڏو پريو ٿي پيار پيو پڏرو،
اڄ اوچتو ھي واقعو ڪيڏو نہ عجيب ٿيو.

تو ھڪڙو پھر پيارا آ نانءُ ڪيو منھنجي،
ھاڻي ياعمر تنھنجي نالي ھي غريب ٿيو.

جذبن ڪي ڪيئي جيئرو، سڀ پھرا ٽپي پھتين،
تاراج تہ اڄ سارو رسمن جو صليب ٿيو.

لاعلاج تہ پيا پڙ ھا، پر پاڳ ٿيو منھنجو،
”خاطيءَ“ جي قسمت تو جھڙو طبيب ٿيو.

◈◈

هي زخم ويندو ڇتي ڳالهہ نہ وسري ويندي،
تو منهنجي آس ڪٽي، ڳالهہ نہ وسري ويندي.

سڏڪن جي ميوزڪ تي دردن ڪي ڳائي،
ڇڏبا لڙڪ اگهي، ڳالهہ نہ وسري ويندي.

سڀ سوچن اڌمن جذبن ۽ نغمن ۾،
هڪ تون ئي تہ رڳي، ڳالهہ نہ وسري ويندي.

نہ خوشي ڪابہ ڏني تو پر رهندو ئي وري،
ڪئي دلڙي تو دکي، ڳالهہ نہ وسري ويندي.

هي نئون باب وڌيو پيار جي مجموعن ۾،
ويندو هي وقت ڊڪي، ڳالهہ نہ وسري ويندي.

هن دل جي تنبوري ڪي تو ڇيڙي ۽ ڇيڙي،
ڇڏيون تارون ڇني، ڳالهہ نہ وسري ويندي.

مصنوعي تبسم جي تجليءَ سان پيارا،
تو هيءَ پريت لُٽي، ڳالهہ نہ وسري ويندي.

تنهنجي تجلن جلون نخرن ۽ غمزن آ،
ڇڏيو ”خاطي“ کهي، ڳالهہ نہ وسري ويندي.

ڪيڏي سهڻي ڪامڻي آهين،
روحاني ڪا راڳڻي آهين.

تنهنجي شفافيت تي شڪ ناهي،
گل تي شبنم جي ڪڻي آهين.

ڪنهن نوراني ڪرڻي وانگر،
تارن چنڊ مان تون چڻي آهين.

مهڪ گلاب ۽ موتئي جهڙي،
سونهن ۾ گل ڪو تون سڻي آهين.

جيون وڪريل ذلفن وانگي،
تنهن جي ڪارڻ تون ڦڻي آهين.

اڪ جڏهن ڪان آ ملي توسان،
تون تڏهن ڪان ئي وئي وڻي آهين.

سڀ تشبيهون ٿوريون "خاطي"،
ڳالهه سچ پچ تون گهڻي آهين.

◈◈

ايندو ساوڻ وري، ديس پوندو ٺري،
ڏوڙ ڏرتيءَ مٿان مينهن پوندا وسي.

پيار جي ريت جو، گيت سنگيت جو،
ٿيندو سنگم وري، روحَ پوندا رِجي.

ڪيسين رهندي خزان، رُت ڏکن جي اجان،
بهار ايندو وري، رنگ پوندا رَچي.

نيٺ ايندا پرين، دلربا دلنشين،
من اڱڻ تي وري، ڦول پوندا ڦٽي.

ڏات وئي آ رسي، نيڻ پيا ٿم پسي،
ايندو ساجن وري، گيت پوندا جُڙي.

نِت نئين چاهه سان ساهه ويساهه سان،
ٿيندا ميلا وري، پردهه پوندا ٽٽي.

قيدَ ويندا لهي، ڪوٽ پوندا ڪري،
خان محمد وري، ”خاطي“ پوندو ڪلي.

مونکان تون لڪائي منهن ڇو جاني سزا ڏين ٿو،
مرضي آ تنهنجي ڪهڙي تون ڇا جي سزا ڏين ٿو.

جي پيار اٿئي دل ۾، ظاهر ٿي هلي آ تون،
هر روز لڪي پائي، ڇو جهاتي سزا ڏين ٿو.

ڇا! سونهن ڪٿي ويندءِ؟ ڇڏ يار ڪيان درشن،
ديدار ڪان روڪي تون، او پاپي سزا ڏين ٿو.

هِي جام رکي سامهون، واپس سو ڪٽين ڇو ٿو،
ڇو پنهنجي پياڪن کي، ائن ساقي سزا ڏين ٿو.

مارين نه جيارين ٿو، محبوب محبت ۾،
"خاطيءَ" کي خطا ڪان وڌ تون ڪافي سزا ڏين ٿو.

◈ ◈

منهنجي محبوب جو مشڪڻ، رنگي ڇڻ روشني خوشبو،
سندس رخسار جو چمڪڻ، رنگي ڇڻ روشني خوشبو.

سچي ڪائنات پُرُ آهي، عجب اسرار رازن سان،
رڳو هڪ راز جو سمجهڻ، رنگي ڇڻ روشني خوشبو.

دليون اڳ ئي هيون ڇڻ ڪي، پيون بس پاڻ ۾ پرتل،
لبن نيڻن جو پو پرچڻ، رنگي ڇڻ روشني خوشبو.

پيو جڳ جرڪي هو سارو، ڪڏي سچ جو ڪني ٿوري،
نئين ڪنهن آس جو اپرڻ، رنگي ڇڻ روشني خوشبو.

هيو هڪ هڪ اهو ڳوڙهو، لڳو مونکي ڦُٽل ڪنول،
اکين جي تلاءَ جو ڀرجڻ، رنگي ڇڻ روشني خوشبو.

لٿو جو پاند هو منهن تان، ٿيو محسوس هو مونکي،
اهو جلون سندو اڏرڻ، رنگي ڇڻ روشني خوشبو.

اثر آ ڪو تہ جادوئي، مٺن ٻولن ۽ لهجن ۾،
سٺي سُرَ ساز جو وڪرڻ، رنگي ڇڻ روشني خوشبو.

اچين ڦٽين گلن گاهن، ڦٽڻ سان گڏ مٺن ميون،
سونن سنگن پچڻ نسرڻ، رنگي ڇڻ روشني خوشبو.

اچايل روح جي ڪارڻ، ڪٽي قربن جي ائن آهي،
جيئڻ برسات جو برسڻ، رنگي ڇڻ روشني خوشبو.

غزل هي سونهن پرستيءَ جو، ثبوت آهي سچو ”خاطي“،
قلم سان لفظ هي لکجڻ، رنگي ڇڻ روشني خوشبو.

◈◈

اکيون جيئري موڙي ويٺين، تنهنجي خادم جو ڇا ٿيندو،
دليون ٻرَ سان جوڙي ويٺين، تنهنجي خادم جو ڇا ٿيندو.

اميدن جي تہ ڪشتيءَ ڪي ڇيم توکي تہ تاري ڏي،
مگر ٻيڙي ٻوڙي ويٺين، تنهنجي خادم جو ڇا ٿيندو.

اڃا آهي پري منزل، ڇڏي اڌ ۾ مونکي پيادل،
چڙهي خود ئي گهوڙي ويٺين، تنهنجي خادم جو ڇا ٿيندو.

سموهي پيارَ ۾ چاهتون، وڏي حب مان هو ناهيو مون،
هيرن هار ئي ٽوڙي ويٺين، تنهنجي خادم جو ڇا ٿيندو.

ڇني ڌار هي ڪري ڪيريو، صفا ايڏو پري وئين ڇو؟
نہ ڪي پاڙي اوڙي ويٺين، تنهنجي خادم جو ڇا ٿيندو.

◈◈

تون جڏهن اڇين ٿو تنها لڳان، تون ناهين تہ پوءِ رهاڻيون هتي،
تنهنجي هوندي نہ ڪائي ڳالهہ هلي، تنهنجي وئي ڪان پوءِ ڪهاڻيون هتي.

اڳ منهنجو ڏکن سان ڪنهن بہ طرح، ڪو ربط نہ هو تعلق ئي نہ هو،
اڄ غمن ڏکن جي راهن جون، ٿيون آهن نيث پڇاڻيون هتي.

تون موٽي ايندين آس اٿم، تڏهن تہ اڃا هت بيٺو هان،
هن موڙ تي ملڻ ڏار ٿيڻ، اهي آهن يادون پراڻيون هتي.

سپنن جي جَهان ۾ "خاطي" مون، ڪئي ڪوشش سج اپارڻ جي،
پر ڪيريو چئي تمنائن جون، جي ڏياٽيون هيون سي اجهاڻيون هتي.

منهن مونکان مٽي وئين ڇو ڀلا،
توسان ناهي شڪايت ڪا گلا.

مقروض آهيان مان ٿو مڃيان،
پر پورا مونکي ڏي تون بلا.

محبوب ڪري وئين منقطع،
ڇو پيار پنهنجي جا سلسلا.

جيئن تو چاهيو تيئن ڪَيَئي،
هاڻي کڻڙا ڪجن سي فيصلا.

هن دل جي راهن منجهه رلن،
پيا تنهنجين يادن جا قافلا.

هيءُ سڏ پنڌ هوندي ڇو ڀلا،
رکين صدين جيڏا تون فاصلا.

هيءُ هيڏانهن هڪڙو ”خاطي“ آ،
هو هوڏانهن هيڏا معاملا.

◈◈

هر وقت هجين سامهون هيءَ منهنجي تہ حسرت آ،
هر حسن ڏسڻ منهنجي اکين جي ٿي فطرت آ.

ڪو خوب شڪل سهڻو، سامهون آ اچڻ وارو،
سا ڳالهہ اسان جي لئہ اظهارِ طراوت آ.

تبسُم ٿا ڏسن تنهنجو مرڪن ٿا نظارا بس،
آ تنهنجي مِلي دم سان، گلشن ڪي نزاڪت آ.

آواز متو تنهنجو سنگيت جون لهرون چڙهي،
سي مونکي ڏسي چيڙڻ چاهت جي علامت آ.

ڪو نظرُ شناس تنهنجي، قيمت نہ ڪَٿي سگهندو،
ڪنهن پيار هيري پارس جئن تنهنجي نہ قيمت آ.

اشڪن جو تنهنجي اڳيان تون چاڙ ائين اٿلڻ،
ڪئي دل جي ئي حالت جي نيٽن بہ وڪالت آ.

اصلاح اديب ڪجو "خاطيءَ" جي خيالن جي،
عيبن ڪان هجن آجا ايڏي نہ ڪمايت آ.

◈◈

تڙپان جڏهن ڏسين تون ڏسجان بيهي تماشو،
تاڙين جي گونج ۾ تون رخصت ڪجان هي لاشو.

ان سونهن ۾ اضافو ٿئي پل ڪُسي وجان مان،
لائي هٿن کي ميندي رت جي ڪجان مِٺا شو.

پنهنجا قريب ڪوني ونڊجان مٺا مٺايون،
جنهن پل ڪجي جنازو ڪلي ڪائجان پتاشو.

جيئڙي تلاش آ جئن تنهنجِي مرڻ پڇاڻا،
هي روح پٽڪندو پيو هوندو تنهنجو تلاشو.

هڪ ڳالهه ياد رکجان بت! بي رحم اها ئي،
خوابن ۾ مون سدائين توکي هيو تراشو.

محبت جو ٻول مونسان تا زندگي نه ٻوليئي،
منهنجي مٽي متان ٻوءِ "خاطي" چوين هو خاشو.

◈◈

محبوب مٺا اي سونهن پريا، اي باغِ حسن! ڪجهہ ويجهو ٿي،
ڪو واس وٺان دلڙي ٿي گهري، گلزار بِدن! ڪجهہ ويجهو ٿي.

تون نيڻ ڪٽي نازن پريا، هڪ پيرو نڇاور مون تي ڪر.
اي رشڪِ بهاران رشڪ قمر، اي رشڪِ چمن! ڪجهہ ويجهو ٿي.

ڇا سونهن حسن سان پيٽ ڪيان، هر سندرتا کان سهڻو تون،
تون هار گلن هيرن جو پرين، يا قوتِ يمن! ڪجهہ ويجهو ٿي.

سڀ دور ڪري دوريون ”خاطي“، سڀ ويڇا وساري ڇڏ سهڻا،
اي جانِ تمّنا جانِ وفا، اي جانِ جا من! ڪجهہ ويجهو ٿي.

◈◈

رنو آ گهٽو مون، اجا ٿو رئاڙين،
اجا ڏئي جدايون، تون ڇو ٿو اجاڙين.

منهنجي دل نرم آهي تولئہ وندر ٿي،
ڪري فوم تنهن ڪي، تون ڇو ٿو لتاڙين.

منهنجو عرض نامون، تون هيڪر پڙهي ڏس،
پڙهن کان اڳيئي، اهو ڇو ٿو ڦاڙين.

گهمين غير سان گڏ، وري منهنجي مُنهن تي،
ڀلا ڇو ٿو اهڙا، ڏئي سورَ ساڙين.

اڳ ئي پڌرو ٿي پيو، آهي خان محمد،
اجا عيب ڪيرئي، جا ڇا لئہ اگهاڙين.

◈◈

هر ڪنهن جو هي ڪردار آ،
انسانُ اداڪار آ.

هر ڪنهن جي ڪهاڻي جو،
ڪوئي تہ لکڻهار آ.

آ ڪير هدايتڪار،
ٔ ڪير صداڪار آ.

ڪو درد ڏيو پاڻي،
ڪو درد سمنڊُ تار آ.

ڪا ڪِيهہ ڪا خاموشي،
جذبات جو اظهار آ.

لاعلاج مريضن جو،
تعويذ تي اعتبار آ

ڪٿ روز ڳڙن ڳوڙها،
ڪٿ ٿهڪ ئي ٿهڪار آ.

بدمست جي بي شرمي،
مسڪين شرمسار آ.

انصاف ڪٿان ملندو،
پڳدار جو بيڪار آ.

ٿو ڪنڌ گهري "خاطي"،
ڪهڙو هي ڪلاڪار آ.

مون ڏي منهنجا مٽڙا، اچڻ تون ڇڏي ڏي،
مونسان مرڪي مرڪي، ملڻ تون ڇڏي ڏي،

اڪيلو ٿي آنسون، نہ ڪي هارجان تون،
مونکي ياد هاٽي، ڪرڻ تون ڇڏي ڏي،

نہ سوچيو هيوسين وڇوڙا بہ ٿيندا!
مگر هاڻ خطڙا، لکڻ تون ڇڏي ڏي،

جدا تنهنجون راهون، جدا منهنجا رستا،
مون سان همسفر ٿي، هلڻ تون ڇڏي ڏي،

اِئين سک نہ پوري سڄڻ يار ٿيندي،
اشارن ۾ سڀ ڪجهہ، سلڻ تون ڇڏي ڏي،

زماني ڏنو آ سهي سور وڇجان،
مٿان جيءَ جلائين، جلڻ تون ڇڏي ڏي،

ڀلا جي زمانو بہ ڪاوڙ ڪري ٿو،
سٺو آ تہ مون ڏي، ڏسڻ تون ڇڏي ڏي.

خوشين ۾ سکن ۾ هجين تون هميشہ،
هي سورن ۾ ”خاطي“، سڄڻ تون ڇڏي ڏي.

◈◈

تنهنجي قدمن ۾ سدا زندگي ڏني هئي مون،
تنهنجي چاهت پرين توکان گهري هئي مون.

ڏسي پوڄا منهنجي ۽ تون بہ خدا ٿي ويئين،
ٿي چريو تنهنجي چاهہ ۾ مسجد ڇڏي هئي مون.

پنهنجي خادم کي متا ايذي سزا نہ ڏين ها،
سدائين تنهنجي سِرَ جي، غلامي پري هئي مون.

پلو ڪيئي اي پرين جو پاڻ پلائي ڇڏيَئي،
اجا بہ توکان پنهنجي دلڙي نہ پلي هئي مون.

گهري هڪ بي حس پٿر کان پيار هي ڪيريو چئي،
وڏي خان محمد "خاطي" خطا ڪئي هئي مون.

◈◈

هي خيال اچي جي الجهن ٿا،
جڻ سيلهہ ذهن ۾ ٽنبجن ٿا.

ليڙا جي ڪلن ٿا رازن جا،
سي مشڪل سان پو لنبجن ٿا.

فيراق ٻڪيا جي اُڊيڙيا سي،
ميلاپ جي ڏاڳي سبجن ٿا.

پيار جي پوک جا سونا داڻا،
احساس ڪڏهن ٻہ نہ سرجن ٿا.

هو نهارَ جا پَورَ ٿو مرڪي هٽي،
دل ـ پوتيءَ تي ڇُر ڇرجن ٿا.

چوڪيدار جي سيٽيءَ سان گڏ،
ڪي سڏڪڻ جا سر ٻڌجن ٿا.

چنڊ سان جاڳي ننڊ ڦٽائين،
جن نيڻن جا سک لٽجن ٿا.

شِرِ جا چہرا وڻ وڻ ويٺا،
هت خير جا ڳيرا ڪسجن ٿا.

آزاديءَ لئہ لڙڪ نہ "خاطي"،
پر دريا رت جا گهرجن ٿا.

◈◈

جنهن ڏينهن ڪنان دلبر آ مون ڪان رسي ويو،
جڻ ڪنڊ ڀريو منهنجو آ جهاز ٻڏي ويو.

جنهن عمر سڄي سانگين ۾ سنڌ کي ارپي،
سو ساهه ڏئي ويو جو ٻڌم ساهه سُڪي ويو.

ريڊيو تي ٻڌم رات هي "وڻجارا ورن ڙي"،
ماضيءَ جي يادن جو ڪو گهاءُ کلي ويو.

مهڪي ٿي حياتي هيءَ محبوبي نظر سان،
پرَ هن جي هٽائي نگاهه وجود ڀُري ويو.

اڄ پيار جو پر چارڪ ورلي ڪو لڀي ٿو،
حالات ڏسي اهڙي آ هوش اڏي ويو.

او "خاطي"! ايئن ڇو اڄ مايوس لڳين پيو،
راهيءَ جو سفر ۾ جڻ همراهه ٿڦي ويو.

◈ ◈

نفرت ٿِي پئِي جڻ ڏڍِ آهي،
دشمنُ دشمنَ جي ڪڍِ آهي.

بچڙي ڪي جئن جئن ٿو جهلجي،
ويرئون وير اجا وڌ آهي.

رت جا رشتا رتُ روئارينِ،
درد اهو بس بي حد آهي.

احساس نہ زندهہ جنهن جو آ،
انسان اهو جڻ اڌ آهي.

مرڪڻ سڏڪڻ سڀ مصنوعي،
جذبن تي پئي ڪا ٿڌ آهي.

قرب بنا دل بنجر بنجر،
پيار واري دل جڻ پڊ آهي.

همدرديءَ جا ٻول بہ ڪافي،
دل ٿي ويندي گد گد آهي.

ساٿ ڏکن ۾ ڏيئي جياري،
ماڻهو ماڻهوءَ جو ڏڍ آهي.

وقت سان گڏ گڏ آخر ”خاطي“،
پرجي ويندو هر وڍ آهي.

◈◈

منھنجي دل آ پيارَ ونگي،
منھنجون سوچون ست رنگي،

دل جي اندر واري دنيا،
بي حد لاحد ريءَ دنگي.

ھن ڪان ھن ڪي گھريو مون،
پيو ھن ڪان ھن جي تار منگي،

شھرت عزت مليڪت جام آ،
پر ھڪ محبت جي آ تنگي.

تنھنجي حياتيءَ لئہ چاھت جيئڻ،
وارَ سنوارڻ ڪاڻ ڪنگي.

مون ۾ ڪھڙي سگھہ او سائين!
توتي آھي ننگ ننگي.

لفظ خماريل ٿي پيا "خاطي"،
ڏاھہَ جي ڏينھن ڏات ڏنگي.

◈ ◈

ڪٽي چونہ ڪيڏو سچڻ ڪي غرور آ،
سلامي مگر ان جي پرڙي ضرور آ.

مڙن ٿا هزارين پتنگا انهي تي،
پرينءَ واري چهري ۾ ايڏو تہ نور آ.

شرابن جي مونکي ضرورت نہ ساقي!
صنم جي نگاهن ڏنو هي سرور آ.

دنيا چنڊ ــ آڪاش واري تي پهتي،
مگر چنڊ زميني اڃا مونکان دور آ.

قبولي نہ ڪڏهن آهي عشق بندش،
ڪجي ڇا چيو"هن" تہ مونکي منظور آ.

"خاطي" خان محمد ڪلندي ڏسو ٿا،
مگر ان جو اندر سچو چڪنا چور آ.

◈◈

پنهنجي عاشق جو پرين، اڄ آخري ديدار ڪر،
هن حياتيءَ منجهه جاني، پرچي مونسان پيار ڪر.

منهنجي هاڻي آخري بس آس هيءَ آهي مٺا،
هڪڙو پيرو ٻانهون پنهنجون هن ڳلي جو هار ڪر.

دل ڏکويل آ گهڻي هن ڪي آٿت ڏي اچي،
اڄ ملي محبوب مونسان الفتي اظهار ڪر.

چئن ڏينهنِ جي جدائي جيءُ ٿي جهوري ڇڏي،
هن هميشه دور ويندڙ جو وري ويچار ڪر.

الوداع جي ويل آئي قرب ڪيرئي تي ڪري،
ويهه ويجهو ٿي ڪلي خوش اڄ نه تون انڪار ڪر.

◈◈

ڪافيون

وايون

گيت

نظم

بيت

چوسٽا

اسان جو پيار اٽپورو،
اسان جو پيار اٽپورو.

سڏو سچ پڻ چيوسين ٿي، ڪڏهن پوڳن مذاقن ۾،
ڪڏهن رومال ۾ ويڙهي، ڪڏهن گونگن اشارن ۾،
لکياسين شعر هي ڏاڍا، رسالن ۾ ڪتابن ۾،
الائي ڇو نہ سمجهيائون، رناسين رهگذارن ۾،
ڪياسين وس ٻڌائڻ لئہ، رهيو اظهار اٽپورو!
اسان جو پيار اٽپورو.
اسان جو پيار اٽپورو.

مرڪ جا خوب لهجا ۽، عجب چرپر بہ چپڙن جي،
غضب جا گل جهڙا غمزہ نزاڪت ناز نخرن جي،
ترن جي ڇا تہ بيهڪ آ، وڏائن سونهن ٻُلڙن جي،
اکيون ڏاپن نٿيون ڏسندي، سريلي سونهن سهڻن جي،
ڪيون محسوس دم دم ٿا، ٿيو ديدار اٽپورو!.
اسان جو پيار اٽپورو.
اسان جو پيار اٽپورو.

ڏنوسين ڏئي ڇڏيوسين بس، وري واپس نہ ورتوسين،
اسان ڪي ڪنهن ڏنو ٿورو، ڦٻائڻ ڏوهہ سمجهيوسين،
سچائي سادگي ۾ خود، ڪرو ڪوڙو نہ پرکيوسين،
سچاتوسين ڪٽي ڪنهن کي، نہ ٻاڙو ٻو بہ ٻوليوسين،
ونڻ وڪڻڻ نہ ڄاتوسين، رهيو واپار اڻپورو!
اسان جو پيار اڻپورو.
اسان جو پيار اڻپورو.

نہ پنهنجن يا پراون ۾، گهڻو مقبول ڪو ٿياسين،
سڏي وچ ۾ وهارن هُو، سو اِن لائق نہ ٻڻياسين،
سدا تن جي اميدن تي، لهي پورو نہ سگهياسين،
خلوص جي خول مان ”خاطي“، نہ نڪتاسين، نہ وڻياسين،
تڏهن تن جو، اسان جو پڻ، رهيو سهڪار اڻپورو!
اسان جو پيار اڻپورو،
اسان جو پيار اڻپورو.

محبوب مران ٿو مان،
تو ڪاڻ سڪان ٿو مان.

هت ڏينهن لهي ئي نہ ٿو،
آرام اچي ئي نہ ٿو،
تڙپان ۽ لڇان ٿو مان.

هت رات ڪٽي ئي نہ ٿي،
ڪا باک ڦٽي ئي نہ ٿي،
دردن ۾ دکان ٿو مان.

ڪي سال ويا گذري،
هت حال ويا اجڙي،
مستانو لڳان ٿو مان.

هي راز سليان ڪنهن سان،
اظهار ڪريان ڪنهن سان،
پڇران ۽ پچان ٿو مان.

ڪا چيز سٺي ناهي،
هت ڪا بہ خوشي ناهي،
”خاطي“ نہ ڪلان ٿو مان.

واريءَ جو گهر ٿاهيو مون هو،
هڪڙي چنڊ کي چاهيو مون هو.

پين جون ياريون باشيون ڏسي مون،
محلاتون ۽ ماڙيون ڏسي مون،
پنهنجو جهوپو ڍاهيو مون هو،
هڪڙي چنڊ کي چاهيو مون هو.

سوچيم ٿيندو ڪناري پيڙو،
پر هو پنهنجو جهونو پيڙو،
اوڙاھ اندر سو لاهيو مون هو،
هڪڙي چنڊ کي چاهيو مون هو.

اوجهڙ گرچڻ جهاڪا واري،
گس جي حالت اهڙي ”خاطي“،
ان سان گاڏو ڪاهيو مون هو،
هڪڙي چنڊ کي چاهيو مون هو.

اها تنهنجي ئي دولت آ، جدائيءَ جو سبب سائين،
پيو منهنجي بہ غربت آ، جدائيءَ جو سبب سائين.

گهڻا ڪم واسطا ياريون، صفا مصروف گهارين ٿو،
اسان جهڙن غريبن لاءِ تو وٽ وقت ڪونهي ڪو،
اها تنهنجي ئي عادت آ،جدائيءَ جو سبب سائين.

تنهنجا مهمان سڀ چالاڪ هڪ سادو نهان ڪيئن مان،
تنهنجي تقريب روزانو هتين خالي اچان ڪيئن مان،
اها سچ پچ حقيقت آ، جدائيءَ جو سبب سائين.

انين دنگ تي اسين پر ”هُو“ اڳيان سڀ مطلبي ماڻهون،
اسين جن کي نہ ٿا چاهيون ڏسڻ هرگز اکين سامهون،
انهن سان تنهنجي رغبت آ، جدائيءَ جو سبب سائين.

سدا گڏ گڏ رهڻ وارا ٿيئي ڇا دور ٿي وئين تون،
گهڻو چاهيم جڏهن توکي تڏهن مغرور ٿي وئين تون،
منهنجي بي لوث محبت آ، جدائيءَ جو سبب سائين.

زمانو پيو ڪري سيڪجه ،رڳو دل مون نہ آ لاتي،
ڪٺان وک ٿو کڻن ٿا هٿ اهو شاعر اهو ”خاطي“،
ٻڻي منهنجي بہ شهرت آ، جدائيءَ جو سبب سائين.

آسرا آسرا آسرا آسرا،
آسرن ۾ گهڻو ئي ڦرايو اسان،
واسطا واسطا واسطا واسطا،
واسطن ۾ گهڻو ئي لٽايو اسان.

فون خط ۽ نياپا ، انهن جي بِلي،
روز ماڪيون مکڻ سوکڙيون موڪلي،
رابطا رابطا رابطا رابطا،
رابطن ۾ گهڻو ئي وڃايو اسان.

بي وفايون جدايون ويچوڙا وڏا،
زندگيءَ ۾ ڏکيا موڙ آيا گهڻا،
حادثا حادثا حادثا حادثا،
حادثن مان گهڻو ئي پرايو اسان.

پنڌ "خاطي" پري پُر خطر پيچرا،
پوءِ بہ ڪاهيون پيا منَ ٿيون ويجهڙا،
فاصلا فاصلا فاصلا فاصلا،
فاصلن کي گهڻو ئي گهٽايو اسان.

وري پيارا ڪيو پنھنجو، پنھنجي عاشق پراڻي کي،
پنھنجي عاشق پراڻي کي، صفا سادي نماڻي کي.

رسڻ پرچڻ بہ آ ٿيندو، يڪو منھن ڪير موڙيندو،
ميارون روبرو ماڻھو، پرين پنھنجن سان کوليندو،
رڳو دانھون وتين ڏيندو، فلاڻي کي فلاڻي کي.

سنجھا تاڻي خدا ڄاڻي، سڪايل روح ٿو تاڻي،
اڃان ڪيسين چريو چٽ ھي، وڇوڙي جا مزا ماڻي،
اچو ھاڻي اچو ھاڻي، چڙيو اڄ يا سياڻي کي.

نئين چاھت اسان لاتي، تڏھن آتي ھيئي ڇاتي،
اھي ڏينھن شروعاتي، ھئا ڪيڏا نہ جذباتي،
اھا ساري وفا ”خاطي“، اچو ويجھو اياڻي کي.

منهنجي الائي چو، ننڊ ڦٽي وئي،
اپريو چوڏهينءَ چنڊ آ.

مَن ۾ يادون لهرون لهرون،
ڪو پريو پيو تہ سمنڊ آ.

گم سم آهيان ۽ ٽپيون هڻان پيو،
محسوس ٿئي پيو تہ منڊ آ.

اڄ چانڊوڪي، تصور هن جو،
چڙ ڪير ۾ ”خاطي“ ڪنڊ آ.

هر ڪنهن ڪي آهي تنهنجي ديدار جي تمنّا،
هر دل مٿان آ حاوي اِن پيار جي تمنا.

ماڻهو مَلَڪَ ۽ جن ڇا ، مڇيون گهرن دعائون،
سڀ جانور پکي پڻ تنهنجون ٿا ڪن پڇائون،
تو دلربا جي درشن اک تارَ جي تمنا.

گلشن جا گل ۽ مکڙيون ، وڻ ٽڻ ۽ گونچ سارا،
حيران سڀ ڏسڻ لئہ سج چنڊ ۽ ستارا،
سڀني کي آهي جلوي ، جهلڪار جي تمنا.

بدحالَ مون مٿان بس تو يار جي نظر ٿئي،
ڪيرئي جي تنهنجي قدمن ۾ زندگي بسر ٿئي،
”خاطي“ خان محمد خاڪسار جي تمنا.

اڪ توسان اڙڻ ڪانپوءِ، وري راز نئون ٿي پيو،
دل توکي ڏيڻ ڪانپوءِ، وري راز نئون ٿي پيو.

ڪا چاڻ نہ هئي مونکي، هيءَ دنيا بہ ڇا آهي،
ڇا منزل آ منهنجي، ڪيڏانهن وڃان ڪاهي،
واسطو هي رکڻ ڪانپوءِ، وري راز نئون ٿي پيو.

ٿي سور ستم سر تي، بي چين حياتي هئي،
در در تي رُليس ڏاڍو ڪٿ ڪين وفائي هئي،
در تنهنجي اچڻ ڪانپوءِ، وري راز نئون ٿي پيو.

غم دور ٿيا ”خاطي“، دامن جي جهليم تنهنجي،
ٿيا قرب ڇئي ڪيريو هر آس پني منهنجي،
هي پيار ملڻ ڪانپوءِ، وري راز نئون ٿي پيو.

هي بهارون هي بهارون،
الفتن جون يادگارون.

ٿڌڙا جهوٽا هي صبا جا،
مست موسم هي ملارون،
الفتن جون يادگارون.

بلبل جي نغمہ سرائي،
۽ چٽن جون هي چونگارون،
الفتن جون يادگارون.

هي گلابي واڳڻائي،
ڳاڙهن گلڙن جون قطارون،
الفتن جون يادگارون.

خان محمد ڪيريو نہ هوندو،
شعر ان جا هوندا سارون،
الفتن جون يادگارون.

ٻہ دليون ملن ٿيون دنيا ڇو سڙي ٿي،
پلا ڇا ٿِي پيو جي محبت وڌي ٿي.

ڇا بگڙيو دنيا جو ٻہ مرڪي مليا جي،
ويهي ڪنهن جي ڪنهن جا ٻہ ڳوڙها اگهيا جي،
پلائي ڪرڻ سان تہ دلڙي ٺري ٿي.

نہ ڪوڙن نڱن ۾ نہ چوريءَ ڪان نفرت،
نہ جواري شرابي ۾ خونيءَ ڪان نفرت،
پريميءَ ڪان پو ڇو نفرت لڳي ٿي.

جتي گل ٽڙن ٿا تہ ڀنئور ڦرن ٿا،
اهي بي ڏپا ٿي گلن کي چمن ٿا،
تہ پروانہ ايندا شمع جي جلي ٿي.

جن خان محمد نہ محبّت ڏٺي آ،
انهن کي خبر ڇا تہ محبت مٺي آ،
محبت ۾ ڪيرئي کي راحت ملي ٿي.

مان نہ هان مجبور توکئہ عشق هِي مجبور آ،
تون ناهين مغرور تنهنجو حسن هِي مغرور آ.

مون وسارڻ توکي چاهيو عشق روح ئي نہ پليو،
تون تہ منهنجو ٿي ڇُڪين پر حسن توکي پڻ جهليو،
ڏوهہ آ تنهنجو نکي ۽ منهنجو ڪين قصُور آ.

عشق منهنجو آ امر جو ٿيڻو ناهي هِي فنا،
پر سڄڻ مغرور تنهنجو حسن آهي بي بقا،
اڄ ڪٽي ملڪن اندر تنهنجو حسن مشهور آ.

عيب سڀ مون ۾ متا پر تون نہ ٿي پيارا پري،
اڄ ملي هڪ ٿيون ٻئي اڄ ڪيريو آزي ڪري،
پاڻ ۾ پرچڻ رسڻ هِي پيار جو دستور آ.

ڏسي توڏي سهڻا ۾ مون ڏي ڏسان ٿو،
ڏسي قرب تنهنجا شرمسار ٿيان ٿو.

هي پرڪيف نظرون ۾ معصوم چهرو،
مٿان تن جي واسينگ وارن جو پهرو،
هيڏانهن پيار تنهنجو هوڏانهن مان ڊڄان ٿو.

منهنجي حال ڪان وڌ عنايت اوهان جي،
اچي زندگي اڄ سنواريئي اسان جي ،
حقيقت آهي يا سپنو هي لهان ٿو.

عجب ۾ وڌو تنهنجي ناگاهہ آمد،
ايڏي ٿوري لائق نہ هو خان محمد،
دلي طور تنهنجا ٿورا مان مڃان ٿو.

۞

روز شب سڪ ۾ رهي، پاڪ محبت مون ڪئي،
سڀ ستم سر تي سهي، پاڪ محبت مون ڪئي.

سوز جا ستيَل سوين جڳ ۾ ديوانا رهن،
لوڪ جا ننڍڙا وڏا چريو تن کي ٿا چون،
پاڻ کي چريو چئي، پاڪ محبت مون ڪئي.

ادب ۽ احترام سان من گهرئي محبوب جي،
مجسمهء وفا بڻي هڪ مٺي محجوب جي،
عمر ڀر عزت رکي، پاڪ محبت مون ڪئي.

خان محمد ميري هئي اڳ منهنجي محبت صفا،
ته چڙهيل ها تنهن مٿان ساڙ ۽ ڪيني سندا،
غسل ڳوڙهن جو ڏئي، پاڪ محبت مون ڪئي.

تون سونهن آن سراپا، تون حسن جو خزانو،
تون ڪنهن ڪويءَ جو آهين سپنو صنم سُهانو.

گلڙن سندي ٽاري، مصور جي چترڪاري،
آهين تون اي صنم،
تخليڪار جي تون تخليق جو بهانو.

پلڪن جي جڏهن جهالر، اکڙين تي لاهين دلبر،
چڙ شام ٿيو پوي،
ڇڙيو ڪري ٿو ڇانوَ هي، ذلفن جو شاميانو.

ڪنئورو ڪپهہ جيان تون، پنئورن جي آجيان تون،
تازو گلاب تون،
ڪويل بہ ڳائي تنهنجو ٿي تعريفي ترانو.

تنهنجو هي "خاطي" ڪيريو، توڪي ڏسي آ جِي پيو،
مولا گواهہ آ،
هڪڙو نہ مان جِيُس پر، سارو جئي زمانو.

زمانا! اسان کي ملڻ کان ٿو روڪين!؟
پريان ڏس تہ ڪيئن هو پکي پئي ملن پيا،
انهن کي تہ جهل تون؟

دکي دل جي مکڙي کلڻ کان ٿو روڪين!
هي گلشن ۾ گلڙا هزارين ٽڙن پيا،
انهن کي تہ جهل تون؟

اي مالهي! اسان لئہ تہ ممنوع خوشبوءِ!
سرِ عام پوپٽ گلن کي چمن پيا،
انهن کي تہ جهل تون؟

اسين چاهہ وارا سِڪون ساٿ ڪارڻ!
مگر خار گلڙن سان گڏجي رهن پيا،
انهن کي تہ جهل تون؟

پرين! تنهنجي ويجهو اچان ٿو وڙهين ٿو!
هوا جا هي جهوٽا بدن کي ڇهن پيا،
انهن کي تہ جهل تون؟

نظر هڪ نڇاور ڪيان مان تہ ڪاوڙ!
سڀئي چنبڊ تارا تہ گهوري ڏسن پيا،
انهن کي تہ جهل تون؟

اي ساقي! صراحيءَ مان پيارڻ ڇڏيو تو!
مگر جام نظرن مان پياسي پين پيا،
انهن کي تہ جهل تون؟

او "خاطي"! ڪڇڻ کان تو روڪيو زبانُ کي!
مگر خان محمد! هي ڳوڙها ڳڙن پيا،
انهن کي تہ جهل تون؟

◘

جڏهن هن ڇيو اچ هاڻي موڪلايون،
الائي ته ڇو هي اکيون پرجي آيون،
سڄڻ الوداعي ڀڪراهٽيون ٿي پايون،
الائي ته ڇو هي اکيون پرجي آيون.

جڏهن پن ڪو وڻ مان ڇڻندي ڏٺو مون،
جڏهن گل پٽيل ڪو سڪندي ڏٺو مون،
ته سمجهي ويس پو ، ڇا آهن جدايون،
الائي ته ڇو هي اکيون پرجي آيون.

پڇيو مون پتنگ کان شمع لئه جلين ڇو؟
چڪور کي ڇيم چنڊ ڏي تون تڪين ڇو؟
چيائون اسان ڇو ته دليون لڳايون،
الائي ته ڇو هي اکيون پرجي آيون.

هو پولار ۾ پنڇي پڙڪي پيو ڇو؟
هو صحرا ۾ سيلاني وڙڪي پيو ڇو؟
ٻڌس سوچ ۾ ڇو مِليَن هيڪلايون،
الائي تہ ڇو هي اڪيون پرجي آيون.

جڏهن سج سمنڊ ۾ سنجهي ئي ٻڏي ويو،
ڪو ديويءَ جي ٽاريءَ ڪي دل ۾ رکي ويو،
اداسين ڇيو اڄ تہ سينو ملايون،
الائي تہ ڇو هي اڪيون پرجي آيون.

هو راڳيءَ جو آلاپ آڌيءَ ڌاري،
ويو جيءَ ۾ نئون ڪو آڙاهہ ٻاري،
اهو ”خاطي“ ڪيريو ڇئي ڪيئن اجهايون،
الائي تہ ڇو هي اڪيون پرجي آيون.

چنڊ هيٺ لهي نہ سگهيو،
بس پيار ملي نہ سگهيو.

آڪيرو ڪري وڻ تي،
ڪو شِينهن رهي نہ سگهيو،
بس پيار ملي نہ سگهيو.

ٽَڪرن جي هٽڙ سان ڪٽ،
ڪو پهاڙ ڀِري نہ سگهيو،
بس پيار ملي نہ سگهيو.

پرواز ڪري پَرَ سان،
هاٿي بہ اڏي نہ سگهيو،
بس پيار ملي نہ سگهيو.

سوراخ سئيءَ جي مان،
ڪو اٺ بہ لنگهي نہ سگهيو،
بس پيار ملي نہ سگهيو.

ڪنھن واھہ سندو پاڻي،
اوپارو وهي نہ سگهيو،
بس پيار ملي سگهيو.

ٿئي چا بہ ٻيرَ وڻ مان،
ڪو پير چڙهي نہ سگهيو،
بس پيار ملي نہ سگهيو.

چنڊ تائين حياتيءَ پر،
ڪو چڪور پڄي نہ سگهيو،
بس پيار ملي نہ سگهيو.

سئيءَ ساڻ ڪڏهن ڪوٺي،
ڪو ڪوھہ ڪٽي نہ سگهيو،
بس پيار ملي نہ سگهيو.

توکان ئي تنھنجو ”خاطي“،
توکي ئي گهري نہ سگهيو،
بس پيار ملي نہ سگهيو.

◙

روئي راهون تنهنجون نِهارين ٿيون اکيون،
ڳوڙها هجر فراق ۾ ڳاڙين ٿيون اکيون.

جنهن ڏينهن لاڪون توسان ٿيو واسطو اٿن،
ان ڏينهن لاڪون توکي سدا ياد ٿيون رکن،
هڪڙي گهڙي نہ تو کي وسارين ٿيون اکيون.

تصور ۾ روز تنهنجي تصوير ٿيون پسن،
وسندڙ ڪڪر جيان ڪيو هي وڏ ڦڙو وسن،
تنهنجي غمن ۾ گم ٿي گذارِين ٿيون اکيون.

شل قربدارَ تنهنجو سايو قريب ٿئي،
دم دم دعا گهرن هيءَ درشن نصيب ٿئي،
درشن جو شوق "خاطي" ڏارين ٿيون اکيون.

آڙاهه عشق جي جِي اڏمن پيري کاٽي،
ڪنهن سان پلا سا سليان صدمن پيري کاٽي.

دلڙي جلي پسم تِي آ برهه باهه ٻاري،
ڦٽڙا ناسور تِي پيا، تن مان آ خون جاري،
دل ۾ دکن ٿا دونهان، دردن پيري کاٽي.

ڪانهي ڪا موج مستي، وسري وئي خوشي آ،
شب روز آهي ڳٽتي، ٿي زهر زندگي آ،
آ سوز ۾ سورن جي سڏڪن پيري کاٽي.

مجبورين آ مون سان بس چيهه ڪري ڇڏيو جو،
سانڍي نٿو سگهان مان هي هانءُ ٿو ڏري پيو،
اٿلي پئي اکين مان لڙڪن پيري کاٽي.

ڪوئي نہ حال محرم، ڪوئي نہ حال پائي،
تڙپائي ٿي غمن ۾ پلپل پئي تنهائي،
فيراق ڦوڙائي جي فڪرن پيري کاٽي.

اڌ پنڌ ۾ او ”خاطي“! گهائي صنم نظر سان،
ٿي ڏار همسفر ويو جيون جي شاهراهه تان،
رهجي وئي اڌوري قربن پيري کاٽي.

▣

توسان منهنجو پيار - او پيارا،
توسان منهنجو پيار.

منهنجي من جي سنڌوءَ ۾ بس،
تون تون تارو تار - او پيارا.

سهڻيون سندر تنهنجون ادائون،
منهنجي هيئين هارُ - او پيارا.

صدقي صدقي توتان صدقي،
سارو هي سنسار - او پيارا.

ذرتيءَ جي گولي تي هڪ ئي،
پيارو تنهنجو پار - او پيارا.

توکان عيوض ڪونہ گهران ٿو،
ناهي هي واپار - او پيارا.

دل تي هرگز ڪونہ هُري ٿو،
ڊالر يا دينار - او پيارا.

منهنجا "خاطي" گيت غزل سڀ،
صرف اهو اظهار - او پيارا.
توسان منهنجو پيار.

ٽِئين تشريف فرما تون، توتان قربان ٿا ڪريان،
الائي ڪيئن عنايت ٿي، اچڻ جي ٿا ٻها ڪريان.

وڇايان وار قدمن ۾، توکي دل ۾ سمايان مان،
مناسب جاءِ ڀي ڪانهي، اکين ۾ اچ لڪايان مان.
ڏيان مان حاضري ڪهڙي، ڪهڙي قيمت ادا ڪريان.

الائي ڪيئن نصيبن سان، ٿيو مون وٽ اچڻ تنهنجو،
وريا اڄ بخت منهنجا ۽، بڻيو گلشن اڱڻ منهنجو،
هجن ها ڪاش سئو سرڙا، سڀئي توتان فدا ڪريان.

نہ هو لائق نماڻو هي، ڪرڻ ايڏي لطف تنهنجي،
نہ آ چيز اهڙي جو، هجي شاني شرف تنهنجي،
رڳو نوڙت نيازي آ، اها ئي پيو عطا ڪريان.

نہ وڃ تون شام ٿي وئي آ، اجا "خاطيءَ" کي حب تنهنجي،
تنهنجي هن خاص خادم کي، اجا تائين طلب تنهنجي،
ڀلا ڪيئن موڪلايان ۽، اوهانکي الوداع ڪريان.

هي غم الم ۽ زخم هي گهرا، سدائين قائم رهي نہ سگهندا.
پريم پنهنجي مٿان هي پهرا، سدائين قائم رهي نہ سگهندا.

وفا ڪئي سين سزا ڏني ٿن، ملڻ ڪلڻ کان جهليو آهي جن،
انهن رقيبن سندا سي چهرا،
سدائين قائم رهي نہ سگهندا.

صبح مسا هي پنهنجي ڪنن ۾، وڄن ٿا خطري جا سائرن جي،
اهي بہ گهوگهوءَ وارا لهرا،
سدائين قائم رهي نہ سگهندا.

اميد آ، هِي سماج وارا، سچائي سمجهي سجاڳ ٿيندا،
رواج گونگا انڌا ۽ ٻهرا،
سدائين قائم رهي نہ سگهندا.

خدا ڪندو شل خوشيون ڪنداسين، ختم ٿي ويندا هي خوف سارا،
اسان تي "خاطي" هي ڏينهن کهرا،
سدائين قائم رهي نہ سگهندا.

اڃا سور ساڳيا، ٽڏا ساھ آھون،
اڃا ڪيستائين نھاريان مان راھون.

ٿيو آھي عرصو نڪي مون ڪليو آ،
رڳو درد دنيا وارن کان مليو آ،
اڃا لڙڪ ساڳيا پرنم نگاھون.

ٿي سنسان دل آ ۽ ويران دل آ،
سوا تنھنجي سھڻا پريشان دل آ،
اڃا ھي اوسيئڙو اڃا ڪوڪون دانھون.

اڃا خان محمد اڳڻ تو ٻھاري،
اڃا ڪيريو روئي تو راتيون گذاري،
ھلي آءُ ھاڻي ٻڌائين تو ٻانھون.

پاڻ سينگاري اچي، پو وڏو تو گهور ڇو،
پو وڏو تو گهور ڇو، من ڪيئي مجبور ڇو.

تو نگاهون ناز سان،
ڇو ڪٽي انداز سان،
ماريئي معذور ڇو.

دل ڪسڻ ڏاڙا هڻڻ،
قيد واٺڙو ڪرڻ،
سو ڪيئي منظور ڇو.

مونکي منڊي موهہ ۾،
کهڙي ”خاطي“ ڏوهہ ۾،
ٿي وئين مغرور ڇو،
من ڪيئي مجبور ڇو.

ڏنم چنڊ توکي ٻہ اڀرندي ۽ لهندي،
سوين روپ ڏارين پرينءَ کي نہ پڄندي.

هجن ٿر ۾ چانڊوڪيون راتيون ڇا،
پٽن پر يا پوپان لکي جهاتيون ڇا،
ڏنم نور تنهنجو ڪارونجهر تي ڪرندي،
سوين روپ ڏارين پرينءَ کي نہ پڄندي.

تون گلشن تي اُڀري ٿو جلوا پکيڙين،
پيو راند سنڌوءَ جي لهرن سان ڪيڏين،
ڏنم توکي ڪينجهرَ هندوري ۾ لڏندي،
سوين روپ ڏارين پرينءَ کي نہ پڄندي.

ڪڪر جي نقابن ۾ منهڙو لڪائي،
ڪڏهن پاڻ سنهڙو ڪڏهن ڳچ پسائي،
ڪڏهن ڦوهہ جوڀن لڳين گهوٽ گهمندي،
سوين روپ ڏارين پرينءَ کي نہ پڄندي.

لکن خان محمد ٿا توکان ستارا،
وڻن چنڊ تنهنجا نظارا پيارا،
مگر محب سامهون ڪڏهن کون نہ وڻندي،
سوين روپ ڏارين پرينءَ کي نہ پڄندي.

هت غمن ۾ ٿي گذاريم، تون هُئين پيارا ڪٿي،
روز واٽون ٿي نهاريم، تون هئين پيارا ڪٿي.

رات ڏينهن رينهون ڪري، سچ سڄڻ توکي سڏيم،
پيار مان پلپل پڪاريم.
تون هئين پيارا ڪٿي.

پيس ٿڪي تنهنجو پڇي پر، ڪونہ پيو تنهنجو ڪو ڏس،
هر گهڙي هنجهون ٿي هاريم.
تون هئين پيارا ڪٿي.

اڄ نصيبن ساڻ مس مس، تون سڄڻ آئين اڱڻ،
سال سارو سڪ ۾ گهاريم.
تون هئين پيارا ڪٿي.

خان محمد ڪيرئي ڪي اي پرين پنهنجو تون ڪر،
آسري ۾ روز ساريم.
تون هئين پيارا ڪٿي.

صورت صفا وئي گهنج ٿي،
گل مرجهائجي ويو.

سندرتا وئي موڪلائي،
نہ ئي اها رنگت رهي.....
گل مرجهائجي ويو.

سج جواني وارو الهيو،
وري نہ واپس ايندي وهي.....
گل مرجهائجي ويو.

اڄ اڪيلو ان کي ڇڏي،
خود خوشبو وئي اڏي.....
گل مرجهائجي ويو.

پيڙا جي پاري ۾ سڙي،
يا جهوريءَ جهولي ۾ سڪي.....
گل مرجهائجي ويو.

زندگيءَ جي شام ڏاري،
نہ شگفتگي نہ ئي تازگي.....
گل مرجهائجي ويو.

جوڀن جي بهار واري،
"خاطي" نہ رهي خوبصورتي.....
گل مرجهائجي ويو .

نہ چرڪين ها نہ چڙهين ها،
پرين پنهنجو جي سمجهين ها،
ملي مون ساڻ هڪ ٿين ها،
پرين پنهنجو جي سمجهين ها.

سمورو حال سمڌ ئي ٿي،
ڏکن ۾ آ ٻڏو هَئي جي،
اچي ان ويل پهچين ها،
پرين پنهنجو جي سمجهين ها.

گهڙيون منٿون ڪيم توکي،
ٻڌي ٻانهون چيم توکي،
رڳو هڪ رات ترسين ها،
پرين پنهجو جي سمجهين ها.

رئارين ها، ڪلائين ها،
ڪري هُج آزمائين ها،
رُسي پوءِ جلد پرچين ها،
پرين پنهنجو جي سمجهين ها.

دکن دردن پريون ڳالهيون،
چري دل جون چريون ڳالهيون،
ٻڌڻ سان تون ٻه تڙپين ها،
پرين پنهنجو جي سمجهين ها.

نہ پنهنجائپ اها چئبي،
متا محبت نہ آ مئبي،
بنا ڪٿ پيار ارپين ها،
پرين پنهنجو جي سمجهين ها.

نہ پنهنجائپ حسابن ۾،
نہ پنهنجائپ حجابن ۾،
اهي ڳالهيون ٻہ پرکين ها،
پرين پنهنجو جي سمجهين ها.

سڃي دنيا ڇڏي آيس،
سڄڻ تنهنجي تڏي آيس،
خطا ”خاطيءَ“ ڪي بخشين ها،
پرين پنهنجو جي سمجهين ها.

قرب توسان جو ڪيم، حال منهنجو هي ٿيم،
جانِ جهوريءَ ۾ جهريم، حال منهنجو هي ٿيم.

ويو ڳري آهيان صفا، سَتُ نہ آهي جان ۾،
آ اثر اهڙو پرين پيو اکين جي ڪانَ ۾،
تير تو اهڙو هنيم ، حال منهنجو هي ٿيم.

پيو پتو هاڻي اٿم تون آهين قاتل متا،
درد وارا مون جهڙا، تو صنم ڪيئي ڪُتا،
ريءَ ڪاتيءَ تو ڪٺم، حال منهنجو هي ٿيم.

ڪئي خطا ”خاطيءَ“ ڪهڙي، ڏوهہ ڏس ڪهڙو ڪيم،
قرب ڪيرئي آ ڪيو سا سزا شايد مليم،
روز شب تو لئہ رنم، حال منهنجو هي ٿيم.

پري پير مون وٽ منهنجو محب آيو،
گهري پئي دعا مون مولا سو ملايو.

جنهن جي اچڻ سان هبڪار ٿي ويا،
اڱڻ ۾ الاهي تہ چمڪار ٿي ويا،
هيس چهرو چنبڊ ڪان سونهن ۾ سوايو.

نہ احوال ان آڏو اوري سگهيس مان،
ڪٽي نيڻ خاموش ڏسندو رهيس مان،
پرينءَ ڪي پسي هوش مون هو وڃايو.

سيئي خوف خطرا ٿي "خاطي" ختم ويا،
پيارن جا داخل اڱڻ ۾ قدم ٿيا،
ڪري ڪرم ڪيريو ، پنهنجو تن بنايو.

هيڪل ۽ وياڪل مان،
سورن جو ستايل مان،
هت ڪير نہ آ منهنجو،
هِن هيڏيءَ دنيا ۾.

جيون آ ڇيهون ڇيهون،
پر سوز ڪيم ڪيهون،
ناهي ڪو ٻڏڻ وارو،
هن هيڏيءَ دنيا ۾.

سڏڪا ۽ اڇنگارون،
ٿي لڙڪ لڙيا لارون،
ڇيو ڪنهن نہ روئين تون ڇو؟
هن هيڏيءَ دنيا ۾.

تنهائي ٿي تڙپائي،
ڪوئي نہ گلي لائي،
هيءَ دل وندرائي ٿو،
هن هيڏيءَ دنيا ۾.

ڏک مان ٿو جيئي ڪيريو،
ڪوئي نہ ٿيو منهنجو،
۽ ڪنهن نہ ڪيو پنهنجو،
هن هيڏيءَ دنيا ۾.

دل يار ڏني مونکي،
مان ٽورا نہ ڳايان ڇا؟
ڇڏيئين نہ ڇني مونکي،
مان ٽورا نہ ڳايان ڇا؟

کھڙي مان ڪيان ڪا لڪ،
هئي ساهہ ڪي جن جي سڪ،
ڏنو پيار تني مونکي،
مان ٽورا نہ ڳايان ڇا؟

سي دور نہ ٿيا هڪ دم،
سيني سان لڳي پرتم،
گڏ گڏيو جني مونکي،
مان ٽورا نہ ڳايان ڇا؟

”خاطي“ هي پيو ڳائي،
سگھبا نہ ٽورا لاهي،
پي سگھہ نہ ڪني مونکي،
مان ٽورا نہ ڳايان ڇا؟

پيارو ماڻهو ڏسندو آهيان،
سچ پچ چڙ جي پوندو آهيان!
سچ پچ چڙ جي پوندو آهيان!
ان تان فدا ٿي پوندو آهيان.

دل ۾ ڪو طوفان سمائي،
مرڪن جو ٿيو راڳي آهي،
مرڪ ڏسي ان جي لبڙن تي،
ان دم مرڪي پوندو آهيان.

حال پڇان ۽ حال ٿو اوريان،
درد مندن سان دل ٿو جوڙيان،
ٻوڙها ٻُل تان اگھندي ڪنهن جا،
خود پڻ سڏڪي پوندو آهيان.

چاهہ چمن وارن سان منهنجو،
پيار حسن وارن سان منهنجو،
سونهن ڏسڻ جو شوق آ مونکي،
سونهن لئہ تڙپي پوندو آهيان.

او لوڪو! منهنجي اپيل ٻڌو،
قرب ڪيو ۽ قرب وٺو،
پيار مٿان هي پهرا ڏسي اڄ،
اندران وڍجي پوندو آهيان.

خان محمد سنگدل ناهيان،
قرب جو "خاطي" قائل آهيان،
محبت وارو ملندو آ ڪو،
ان سان گڏجي پوندو آهيان.

تنهنجو سهڻا سينگار وٽي ٿو،
هر هر توڏي تڏهن ڏسان ٿو.

سياهن وارن جي سايي ۾،
روز روشن رخسار وٽي ٿو،
هر هر توڏي تڏهن ڏسان ٿو.

ڪويل جهڙيون ڪاريون اکيون،
غمزي جو گلزار وٽي ٿو،
هر هر توڏي تڏهن ڏسان ٿو.

احمر لبڙا اپريل چاتي،
سنهڙي ٻچيءَ ۾ هار وٽي ٿو،
هر هر توڏي تڏهن ڏسان ٿو.

خان محمد “خاطي” ڪي بس،
توتان ٿيڻ نثار وٽي ٿو،
هر هر توڏي تڏهن ڏسان ٿو.

پيار ڪپي بس پيار ڪپي بس،
ٻي ڪا شيءِ مونکي ڪانہ ڪپي.

مونکي هيڏي حسين دنيا ۾،
هڪڙو سهڻو يار ڪپي بس،
ٻي ڪا شيءِ مونکي ڪانہ ڪپي.

مونکي وڻي هُو هُن ڪي وڻان مان،
اهڙو ئي قربدار ڪپي بس،
ٻي ڪا شيءِ مونکي ڪانہ ڪپي.

هرڪو سهڻو هڪڙو گل آ،
مونکي گلڙن هار ڪپي بس،
ٻي ڪا شيءِ مونکي ڪانہ ڪپي.

سهڻا سهڻا ڪوڙ هي "خاطي"،
سهڻن جو سردار ڪپي بس.
ٻي ڪا شيءِ مونکي ڪانہ ڪپي.

ڪنهن سان نہ مان ڪچان ٿو، تو يار جي ڪري،
بس مات ۾ رهان ٿو ، تو يار جي ڪري.

ماڻهن ستايو مونکي مهڻا ڏئي ۽ طعنا،
سي تير ٿي لڳا جو دل ۾ ٿيا نشانا،
هي ظلم سڀ سهان ٿو تو يار جي ڪري.

چريو چون گهڻا ۽ سودائي ڪي چون ٿا،
دنيا ڪان دور سمجهي ، پٿر بہ ڪي هڻن ٿا،
بدلو نہ مان وٺان ٿو تو يار جي ڪري.

دانهون هي خان محمد توکي ئي روئي ڏيندو،
احوال سڀ اندر جا ڪيريو توسان سليندو،
سڪ ۾ نظم لکان ٿو تو يار جي ڪري.

ڪنهن جي نظر لڳي وئي هڪيئي ڪان وياسين وسري،
لڙڪن جيان ويا سڀ سپنا اکين مان نڪري.

هڪيئي جي لاءِ حُبَ مان ٺاهياسين دل ۾ ديرا،
سڀ چاهتن پنهنجيُن جا اڄ اهي آکيرا،
واچوڙي ڪنهن لڳڻ سان ڪک پن ويا ٿِي اڏري.

چاهت پنهنجيءَ جا گلڙا ، جڏهن صنم ٽڙي پيا،
تن جي پٽڻ جي خاطر ها ڪوڙ هٿ وڌي پيا،
ظالم هٿن ۾ سي گل پتيون ويا ٿي وکري.

هو خواب خان محمّد جيڪو نہ ياد ايندو،
ساڳيو سو وقت واپس ڪيريو چئي نہ ٿيندو،
هڪيئي وٺان هوائن وانگي وياسين گذري.

بس ڪر اي دل نہ روءِ تون دلدار آهي اچڻو،
توکي تلاش جنهن جي سو يار آهي اچڻو.

آسن جي مکڙين تي برسي اجها تہ شبنم،
پوپٽ گلن تي مڙندا ساپيا سندا سي هڪدم،
ويندي هلي خزان اج ۽ بهار آهي اچڻو.

تڙپڻ روئڻ ڇڏي ڏي دلڙي ڪو هوش تون ڪر،
ڪر آجيان ادب سان پرجوش حاضري ڀر،
ساري اڱڻ جي زينت سينگار آهي اچڻو.

جهوليءَ چنڊ جهلندءِ محبوب جي آ آمد،
ماضيءَ جون ڪل مرادون پنيون ٿئي خان محمد،
اي قلب! تنهنجو سچ پچ تہ قرار آهي اچڻو.

دل جي باغ ۾ گل ٽڙن ٿا،
مونسان جڏهن ٿي جاني ملن ٿا.

ڪومل پوتر جذبا منهنجا،
ويتر خوشبو بڻجي پون ٿا،
مونسان جڏهن ٿي جاني ملن ٿا.

مايوسين جي اماوس شب ۾،
آشائن جا چنڊ ڪڙن ٿا،
مونسان جڏهن ٿي جاني ملن ٿا.

منهنجي من جي ڪارونجهر تي،
محبت وارا مور نچن ٿا،
مونسان جڏهن ٿي جاني ملن ٿا.

ڪوڙ نظارا ڪيرٿي سان گڏ،
خوش ٿي "خاطي" خوب کلن ٿا،
مونسان جڏهن ٿي جاني ملن ٿا.

آڪاش آ اونداهو،
اڄ چنڊ بہ ڪونهي ڪو.

سپ ساروڻيون جاڳيون،
سي آڏيءَ ڏاري جو!
اڄ چنڊ بہ ڪونهي ڪو.

هن ويل پڪي پولي،
ويچارو الائي ڇو؟
اڄ چنڊ بہ ڪونهي ڪو.

من منهنجو هي تنهايون،
اڌ رات جو پوڳي ٿو،
اڄ چنڊ بہ ڪونهي ڪو.

دل روئي ڏرءُ ڪر تون،
رو روءُ اڃا پڙ رو!
اڄ چنڊ ٻہ ڪونهي ڪو.

هي ننڊ پيرئي نيٽن،
۾ ڪنهن جو آ جلوو؟
اڄ چنڊ ٻہ ڪونهي ڪو.

ڪاڙي هي ويو گم ٿي،
“خاطي” آ چريو ڪيريو،
اڄ چنڊ ٻہ ڪونهي ڪو.

سدا سڪ اوهان جي رئاري تي مونکي،
اچڻ جي عجيبا عنايت ڪيو ڪا،
غمن گوندرن ۾ گذر تي حياتي،
اچي هاڻ حاڪم حمايت ڪيو ڪا.

دنيا بيوفا پڻ ڏڪاري ڇڏيو آ،
اوهان خود اسان کي وساري ڇڏيو آ،
صلو ڇا اهو آ سچائي جو سهڻا،
اوهين پاڻ پيارا عدالت ڪيو ڪا.

سڄڻ تنهنجي زخمن صفا چور ڪيڙو،
اچا ڪو تدارڪ نہ تو مور ڪيڙو،
ڪيو لاعلاج آ حڪيمن طبيبن،
سڄڻ جِي پوان جي عيادت ڪيو ڪا.

متا روز ”خاطي“ روئي رت ٿو هاري،
اوهان جي اچڻ ڪاڻ واٽون نهاري،
اچي حال هيڻو هي هيڪر ڏسي وڃ،
پوري پنهنجي ڪيرئي جي حاجت ڪيو ڪا.

مونسان نہ ڪلي ملجان،
هي پيار پريون نظرون،
مونڏي نہ ڪٽي ڏسجان.

هي پيار مٿي گس جي،
منزل تي رسي پنهنجا،
تون پير اڳهي چڏجان.

منهنجو ئي سيڪجهہ تون،
مان تنهنجو تہ ڪجهہ ناهيان،
تون پنهنجو نہ ڪجهہ چئجان.

تون ياد نہ هاڻ ڪجان،
هي ياد ڪرڻ جو ڪم،
مونتي ئي مٿا رکجان.

هي گيت بہ ”خاطيءَ“ جا،
ويهي سي اڪيلو ٿي،
محبوب نہ تون ٻڌجان.

ڏسي ڏوهہ منهنجا ڪرين ڏار متان،
هي ڪوتاهيون سڀ مونکي معاف ڪجان.

سمونڊ ڪنان وڏ مون لئہ سڪ ڏسي،
تنهنجي هانوَ ڇهندڙ اها ڇڪ ڏسي،
تنهنجي پيار جي مون لئہ مهڪ ڏسي،
پنهنجي من ئي من ۾ ڪڏان ۽ نچان.

مليو تنهنجي الفت جو اعزاز اٿم،
ڪيو آڪاش تي چڙھ تہ پرواز اٿم،
مٿا قرب تنهنجي تي ناز اٿم،
مليو ڪونہ مونکي اهڙو پيار ڪٿان.

ڪٺي ڪيڏو توکي ٿو چاهيان پرين،
جتيءَ جوڙ بلڪل مان ناهيان پرين،
تنهنجو ادنيٰ خادم آهيان پرين،
تنهنجا ٿورا لکين ٿو محبوب مڃان.

حڪم تنهنجو هر هڪ اکين تي رکان،
تون جيڏانهن وارين تيڏانهن وران،
گهڻي چاهه سان مان ادب تنهنجا ڪيان،
تنهنجا اکين چپن سان پيزار چمان.

مان ڪوجهو ڪنو مون ۾ عيب سيئي،
پرين ”خاطي“ جي وري پارت اٿئي،
جوانيءَ جو جاني خدا خير ڪرئي،
دعا خان محمّد ٿو گهرندو وتان.

آھين منھنجي من ۾ تون ھين تون توھين تون،
رڳو تار تن ۾ توھين تون توھين تون.

ٿيا تومان روشن ھي سج چنڊ تارا،
مليا انڊلٺ کي توکان رنگ اڏارا،
سڄي اپ_صحن ۾، توھين تون توھين تون.

تون تخليقڪارن جي تصور جو محور،
تون آن ھر ڪويءَ جي ڪويتا جو مظھر،
لطيفي فنن ۾، توھين تون توھين تون.

ڪاڇي لاڙ ٿر ۾ وچولي ۾ ھاڪون،
آ توصيف تنھنجي ۾ سنڌ جون اوطاقون،
جتي ڪٿ وطن ۾، توھين تون توھين تون.

ٿين گل ٿا ويجھا سي خوشبو وٺڻ لئہ،
ڪوليو منھن مکڙين ٻہ توکي ڏسڻ لئہ،
گلن ۾ چمن ۾، توھين تون توھين تون.

سڄڻ سائين دلبر اي منھنجا جياپا،
سمايل تون ”خاطي“ جي جيءَ ۾ سراپا،
منھنجي ھن جيون ۾، توھين تون توھين تون.

سڪي زندگيءَ جو هو سپنو ڏٺو مون،
سو سپنو سندر سون ورنو ڏٺو مون.

اميدن چمن ۾ اچي وئي بهاري،
گلن جي نمونن ٻہ رنگت نکاري،
چنبيلي ۽ چمپا ڪو ڪرنو ڏٺو مون،
سو سپنو سندر سون ورنو ڏٺو مون.

اوندهہ ۾ ڊوڙي ٽڪجي پيس مان،
انهي ڪرڻي تائين نہ پهچي سگهيس مان،
حقيقت ۾ شايد هو جگنو ڏٺو مون،
سو سپنو سندر سون ورنو ڏٺو مون.

اگر ڪاش! سپنا جي ساپيا ٿين ها،
نہ هي حال ڪيرئي جا هرگز هجن ها،
حياتيءَ ۾ "خاطي" ڪي مجنون ڏٺون مون،
سو سپنو سندر سون ورنو ڏٺو مون.

مذاق ڄاڻي ڪلي ڏنو تو،
مون ڇيو ڄڻ ڪنوڻ ڪري پئي،
ٺهڪ ڏنو تو تہ ٽاھہ ڪائي،
ڇمن منجهان ڏيل ڄڻ اڏي پئي.

غمن الائي خوشين جا ڳوڙها،
تنهنجي ڳلن تي ڏسي لڳو ڄڻ،
گلاب نرگس ڪي هير لوڏيو،
تہ ماڪ تن تان ڪري ٽمي پئي.

ڇمين مِٽين جي مٽاڻ ڪان وڌ،
مٽو مٽو آ سپاءُ تنهنجو،

چپن ڪي چوري ٻہ ٻول ٻوليئي،
موتين جي ڇڻ تہ مالها ٽٽي پئي.

سفيد رخسار ڄڻ تہ چانڊي،
حياءُ ڪان لال ٿي پيا سي،
جي ڀاند منهن تان لٿو تہ شيشي،
جي گهر ۾ ڄڻ باهہ ڪا ٻري پئي.

انداز سهڻو ڪري جو ويٺين،
سڀئي شيون پنڌ پهڻ ٿي ويون،
جي ٻانهن لوڏي هلڻ لڳين تون،
تہ توسان هر چيز گڏ هلي پئي.

نہ سونهن تنهنجي چٽي سگهي ٿو،
نقاش قاصر نقل ڪرڻ کان،
برش قلم ڪيريو ٽڪا سڀ،
حسن ڪٽڻ لئہ ڪٽا ٽڪي پئي.

جي پيار پنهنجي تي پهرا لڳا، مون ڏاڍو رنو ۽ ڏاڍو لڇيو،
پو پهاڙ غمن جا دل تي ٽٽا، مون ڏاڍو رنو ۽ ڏاڍو لڇيو.

پاڻ پيار ڪرڻ وارا ماڻهون، آزاد فضائن وارا پکي،
قفس ۾ ڪيئن جي سگهبو پيا، مون ڏاڍو رنو ۽ ڏاڍو لڇيو.

تاراج ٿين ناشاد ٿين، سي پيار ذري جي ڪاڻ سکِن،
جن پيار پنهنجي ۾ رخنا وڌا، مون ڏاڍو رنو ۽ ڏاڍو لڇيو.

هي هيڏو سارو ڪِيس ڏسي، پولار ڪنان پاتار تائين،
سيني جا آهن نيڻ پنا، مون ڏاڍو رنو ۽ ڏاڍو لڇيو.

هڪ هڪ حسرت پاڻي ٿي وئي، اڌ ۾ قرب ڪهاڻي ٿي وئي،
ڪوڙ حصا جنهن جا رهجي ويا، مون ڏاڍو رنو ۽ ڏاڍو لڇيو.

هي خان محمّد ڪونهي ڪوي، ڪڏيون ڪيرئي آهون سور سهي،
سڏڪن ۾ مون سوين گيت چيا، مون ڏاڍو رنو ۽ ڏاڍو لڇيو.

ايڏو نہ تون خفا ٿي، جلوي نما متا ٿي،
ظاهر سهڻا صفا ٿي، تون منهڙو ڏيکار،
ٿيان نثار! ٿيان نثار!

هي انقلاب ڇو آ، مونکان نقاب ڇو آ،
ايڏو حجاب ڇو آ، اهڙو حساب ڇو آ،
بيحد نہ بيوفا ٿي، جلوي نما متا ٿي.

اکيون اداس آتيون، تنهنجون تنين کي تاتيون،
پائيڻ ڏينهن راتيون، ديدار ڪاڻ جهاتيون،
درديلئن دوا ٿي، جلوي نما متا ٿي.

"خاطي" ڏسڻ جي خاطر، آ منتظر سراسر،
پردو پرين پري ڪر، ڪيرئي تي ڪا نظر ڌر،
درشن ڏي دلربا ٿي، جلوي نما متا ٿي.

۞

جهڙي مٺڙي ماڪي آ،
تهڙي ٿئي گفتار پرين!

جهڙا گلابي گل آهن،
تهڙا ٿئي رخسار پرين!

جهڙو جهڙ ڦڙ اپ تي آ،
تهڙا تنهنجا وار پرين!

جهڙي خوشبو موتئي جي،
تهڙي ٿئي مهڪار پرين!

جهڙا جوين ساوڻ جا،
تهڙا ٿئي سينگار پرين!

جهڙا ”خاطي“ چاهي ٿو،
تهڙا تنهنجا پيار پرين.

دل بہ توکي ڏنم، جان توکي ڏنم،
ساھہ صدقي ڪيم، تنھنجي خاطر صنم،
سور سر تي سٺم، ڏک ڏاڍا ڏٺم،
حال ھيڻا ٿيم، تنھنجي خاطر صنم.

توسان ھر موڙ تي آ وفا مون ڪئي،
ڪھڙي چاٽي خدا ٿو خطا مون ڪئي،
منھنجو ڪھڙو جرم، جو مليو غم الم،
ٿي خوشي وئي ختم، تنھنجي خاطر صنم.

دوستن ۽ عزيزن بہ پاڳل چئي،
ھٿ ڪڍيو سو جواني بہ اجڙي وئي،
سڀ طرف کان ستم، روز مليو زخم،
سڏڪي سڏڪي رنم، تنھنجي خاطر صنم.

توکي راضي رکڻ ڪاڻ ڪوشش ڪري،
ھر شيءِ حاضر ڪيم جھول ”خاطي“ پري،
خاص رکجو ڀرم، ۽ ڪجو پيا ڪرم،
مون آ ورتو جنم، تنھنجي خاطر صنم.

اڪين آب آڻي ڪيان التجا ٿو،
سڄڻ آڻ مولا گهران هيءُ دعا ٿو.

وڇايان اکيون ٿو واٽن تي جنهين لئہ،
عطر مشق هاريان سيجن تي جنهين لئہ،
اچي سو ئي سهڻو ڪيان هي صدا ٿو.

پوي ٿي دوا پوءِ منهنجي زخم جي،
هتي هاڻ آمد ٿئي جي صنم جي،
ملڻ مان انهيءَ سان تہ پيانيان دوا ٿو.

ڀلا خان محمد ٻئي ڪنهن کي ڏانهي،
خدا عرض ”خاطي“ سندو هي آهي،
ملي مون مبارڪ اچي دلربا ٿو.

گلائون ۽ شڪوه ڀلائي ڇڏي،
جو دل ۾ اٿئي مسڪرائي ڇڏي.

نہ تڙپاءِ مونکي نہ شرماءِ مونکان،
مٺا بي حجابيءَ سان ڳالهاءِ مونسان،
نظر سان نظر تون ملائي ڇڏي.

حقيقت نہ لالڻ لڪائڻ روا آ،
۽ همراز کي سچ ٻڌائڻ روا آ،
سڄي لوڪ کان تون لڪائي ڇڏي.

سڄڻ سوا منهن گهنجائڻ ۾ ڇاهي،
ڏسي ڏوهہ ڪاوڙ ڪرڻ ڪار ناهي،
ڪِلي خان محمد ڪلائي ڇڏي.

⊡

جڏهن توکي سنسار سارو ڇڏيندو،
تڏهن توکي "خاطيءَ" جو احساس ٿيندو.
جڏهن مطلبي جڳ توکان منهن مَٽيندو،
تڏهن توکي "خاطيءَ" جو احساس ٿيندو.

جنهين جي اشاري تي اڄ تون ڪڏين ٿو،
ڇڏي هيٺ ڌرتي مٿي تون اڏين ٿو،
جڏهن پاڻ تنهنجا اهو پر پٽيندو،
تڏهن توکي "خاطيءَ" جو احساس ٿيندو.

رکيئي ماڻ ماپو منهنجي مفلسيءَ جو،
مگر ڪونه ڄاتئي قدر مخلصيءَ جو،
جڏهن ڪم ڪيائُو ، نه پيرو پريندو،
تڏهن توکي "خاطيءَ" جو احساس ٿيندو.

نه نوڪر نه ناٺو سدائين محافظ،
ٿجي ڌاڍ سان ٿو نه سينن تي قابض،
جڏهن سا حقيقت تنهنجو مَنُ مڃيندو،
تڏهن توکي "خاطيءَ" جو احساس ٿيندو.

ڪيان کڙا تنهنجا پتا پار پڏرا،
سَنا ڪنهن ٿي تنهنجا پيلا ناز نخرا،
جڏهن وقت توکي اهو ياد ايندو،
تڏهن توکي "خاطيءَ" جو احساس ٿيندو.

جهان جي جهنجهٽ ۾ جڏهن جيءُ جُهرندءِ،
ڪو همراز هم دم ڳوليو نہ لڀندءِ،
جڏهن ڳجهہ ڪو توکان نہ پڇندو سلينڊو،
تڏهن توکي "خاطيءَ" جو احساس ٿيندو.

پٽائيءَ جي درگاهہَ تي حاضريءَ ڪان،
دلي چين خاطر ٻڌڻ شاعري ڪان،
جڏهن سنگدل ساٿي توکي جهليندو،
تڏهن توکي "خاطيءَ" جو احساس ٿيندو.

سدائين نہ "خاطي" متل هوندو ميلو،
اٿئي سج ٻہ پاڇا جي سوچين سويلو،
جڏهن جيءُ تنهنجو ويڇوڙو وڍيندو،
تڏهن توکي "خاطيءَ" جو احساس ٿيندو.

سَتَني سرن جو ٿيو پڙلاءُ،
خوش ٿي جڏهن جاني ڪليو.

ذلف جي ڏوئي چنڊڪو ڏنائين،
وڻ ٽڻ سارا لوڏي ڇڏيائين،
ڦڙ ڦڙ مان ٿي ڦهليو هڳاءُ،
وايو منڊل جڻ مهڪي پيو.

وار سڪائي هن جي ٽيڙيا،
مور پڪيءَ جڻ ڪنپ پکيڙيا،
ڇيڙڻ تن کي لڳو جو واءُ،
نانگن جو تن آ روپ جهليو.

سينگار ڪري جو چانڊوڪيءَ ۾،
سير تي نڪتو سائي ٻنيءَ ۾،
قابلِ ديد هيو هي نماءُ،
جڻ وڪ سان ٿي چنڊ جهڪيو.

هن کي جن ٻه ڏٺو ئي ناهي،
ڪيريو تن کي ڪيئن ٻڌائي،
تشبيهن مان حقيقي ساءُ،
آ ”خاطي“ ڪڏهين ڪونہ مليو.

## ڪيڏي او ڪيڏي!

ڪيڏي نہ توڪئہ دلڙي رني آ،
هاڻي هلي آ سڪڙي لڳي آ.

بسمل آ دلڙي توڪاڻ تڙپي،
هڪڙي اڪيلي سڄي رات سڏڪي،
لڇندي ئي لڇندي ساجهر ڦٽي آ.

موسم پلي آ ڇهہ ڇهہ چمن ۾،
ڳائن پکي پيا سهڻن سرن ۾،
ڪيڏي فضا ۾ ٿِي دلڪشي آ.

“خاطي” سدائين توکي سڏيندو،
ڪيريو غريب آ ڪئن ڪو گذيندو،
هت هرڪو مون لئہ چڻ اجنبي آ.

رهي يارَ دل ۾ نہ ٿا هاڻ نڪرن،
ويو وسري سڀ ڪجهہ نٿا پيار وسرن.

زمانو بہ بگڙيو ، تہ هو پڻ خفا ٿيو،
ڇڏيو ساٿ سيني سڄڻ بيوفا ٿيو،
نہ پر ساٿ ڇڏيو ساروڻين ۽ سپنن.

ويون گذري مدتون ڦٽو شهر آخر،
مگر دل جي ويرانُ کنڊرن ۾ ظاهر،
آثارِ محبت اڃا تائين ڏسجن.

جوڙي جاءِ جيءَ منجهہ جلون ۽ غمزن،
پڪا نقش من تي ڪيا "خاطي" قربن،
اهي عڪس دل تان نٿا هاڻ نڪرن.

توکان سواءِ اي سهڻا گهاري نہ ٿو سگهان مان،
شب روز ٿو رئان مان تنهنجو پرين پچان مان.

مونکان نہ ٿي جدا تون، منهنجي بہ منج صدا تون،
خدا واسطي صنم،
گهڙيون ڪي گهار مون سان ٿو توکي اڄ چوان مان.

اڄ ترس منهنجا جاني ڪر مون تي مهرباني،
هڪ رات اي صنم،
ويندي ڳري نہ دلبر، چئو رات ٿو رهان مان.

"خاطيءَ" جا اي سائين، سرهو هجين سدائين،
ساري عمر صنم،
آئين اگهڻ ڪيرئي جي، صدقو توتان وڃان مان.

ڏکي آ دلڙي ڪري ٿي دانهون، اڇي جو دردن وڪوڙيو،
اڳهي اکين جو پچان نہ پاڻي، اڇي جو لڙڪن وڪوڙيو.

حوال دل جا اڇي ڪي اوريان،سلي سگهان پر اهي نہ ٿو،
نہ سگهہ سلڻ جي رهي آ باقي،
اڇي جو سڏڪن وڪوڙيو.

ٿِي ڳَٽتي ڳاري جسم جڏو ٿيو، ۽ پور پلپل پيا پون،
تڙپ تنهنجي لچان ۽ ڦتڪان،
اڇي جو فڪرن وڪوڙيو.

ڏسي ڏکن ۾ ڇڏي هليا ويا، سيئي سهارا بہ دور ٿي،
سکن جا ساٿي سڄڻ ڇڏي ويا،
اڇي جو صدمن وڪوڙيو.

الاءِ قسمت جو کيل آهي، الاءِ دنيا جو ڪو چڪر آ،
خطا ڪا ٿي يا ڪو امتحان آ،
اڇي جو وهمن وڪوڙيو.

حڪيم حاذق هزار پيتيم، مگر ڪيو تن بہ لادوا،
ختم خوشي ٿي سموري "خاطي"،
اڇي جو مرضن وڪوڙيو.

▣

دلبر رهين ٿو مونکان ڇو ڏار تون ٻڌائج،
ڇاڪاڻ تو ڏڪاريو اي يار تون ٻڌائج.

کهڙي خطا ڪئي مون ڇو ڪونہ ڳالهائين،
مونکي جتي ڏسين ٿو مونکان ٿو منهن لڪائين،
ڇو هِي ڪيو تو رستو اختيار تون ٻڌائج.

دل منهنجي هٿ ڪري تون واپس وري نہ آئين،
پيو غير سان گهمين تون مونڏي لڙي نہ آئين،
هي ڪِيس ڇو ڪيو تو منتار تون ٻڌائج.

ڪيريو ڪرئي دعائون تنهن کي نہ ڏي دغائون،
”خاطي“ بہ خوش ٿئي جي ان سان ڪرين وفائون،
ڪا قرب جي ڪچهري هڪ وار تون ٻڌائج.

آسون جي دل ۾ آهن مالڪ سي شل پڄائي،
سپنا جيڪي ڏٺا تم ساپيا سيئي بنائي.

ساوڻ جي شام جو ٻئي ويهي ندي ڪناري،
ڪريون ڪي پيارَ پيارا دنيا سڄي وساري،
جهوليون پريون خوشين سان سپ سور هي پلائي.

چاندوڪيون هجن ۽ بس پيو پهاڙِي واديون،
ڪولي پريمَ خوشبو ماحول سارو واسيون،
تنها ملون اتي ٻئي نغما نوان ڪي ڳائي.

۽ بهار جي صبح جو گلشن ۾ خان محمد،
پرچين رسين پيو شل پلپل ڪري خداوند،
گلڙن سان گڏ دليون هي "خاطي" چڙيون سجائي.

▣

هئي آس دل ۾ سا پوري ڪيون ها،
سدا ڪاش گڏجي جيون ها مرون ها.

پڃي پڃرا هي رواجن جا سارا،
ٽپي آزاد هردم هوائن ۾ پيارا،
پکين سان گڏجي پکي ٿي اڏون ها.

هِي ويجهن وٽن جون ملن جيئن لامون،
هجون پاڻ پنهنجون ملن تيئن ٻانهون،
سدا هڪبئي کي پو ويٺا ڏسون ها.

زمينُ آسمانَ جو جتي آهي سنگم،
بڻي هڪبئي جو اتي ”خاطي“ همدم،
زمانو ڇڏي هِت هلي ات رهون ها.

گهورَ ۾ گهنڊ وجهو اي دلبر، دورُ پيو گهارين تون،
ڏوهہ پلا مون ڪهڙو ڪيو آ، مفت پيو مارين تون.

واقعي رايو راز تنهنجو آ،
يا مون سان رڳو ناز تنهنجو آ،
خوني اکيون مونڏي ڪٽيو، ٿو تير الارين تون.

محبوب اڳي تون موتي داڻو،
ويتر مون سان روز آ ماڻو،
سهڻو اڳيئي آهين ويتر، سينڊ بہ سنوارين تون.

”خاطيءَ“ سان اڳ پيار ڪري پوءِ،
تنهن کي ويتين ڏار ڪري ڇو،
قول ڪيل ڪيرئي سان جيڪي، سي ڇو نہ ٿو پارين تون.

اول مونکي محبوب پنهنجو ڏيکار،
پلي پوءِ مونکي اي مولا تون مار.

گهڙي وقت ڪان جيڪو دلبر آ دور،
ملي سو تمّنا رکان ٿو ضرور،
ڪيان تنهن پرينءَ جو تہ هيڪر ديدار.

هجي سامهون ويندو پوءِ جلد ساهہ،
ذرو ڪونہ ايندو ڪو مونکي ايذاءُ،
سهڻو بيهي سامهون ڪري من سينگار.

سڏي خان محمّد مٺا ربَ رحيمَ،
ڪري ڪيرئي تي ڪرم ڪو ڪريم،
جيسين جاني پهچي تيسين تون جيار.

◙

**تنهنجي قدمن ۾ خوشيون، هي پاڻ هلي آيون،**
**توساڻ اچي مليون.**

**محفل ۾ ڏنم تنهنجي هر حسن هيو رقصان،**
**چيرن جون هيون چمڪيون.**

**سڀ هار گلي ۾ هئا، نوٽن جي هئي ورڪا،**
**هون ڪڙڪ نيون دستيون.**

**گڏ جيڪي هيون سي چڏ ، دليون جي اوسي پاسي،**
**سيئي سي پئي مرڪيون.**

**هر اک ٿي پئي عاشق، ٿيو هوش ختم تن جو،**
**جن جن ٻه ڏٺيون جهلڪيون.**

**وسري نہ سگهنديون سي، توسنگ جي جن گهاريون،**
**سڀ سونهرِي گهڙيون.**

**پروانہ مڙن مچ تي، هِي تيئن مٿان تنهنجي،**
**قربان سيئي سرتيون.**

**تنهنجون هي خوشيون ”خاطي“،تن خوشين ۾ ٿوريون،**
**منهنجون ٻہ متا پتيون.**

اڄ رات سڄي مون ڏٺا،
ڇڻ لوڏ لهر سپنا.

ڪا وادي پهاڙي آ،
جت پاڻ آهيون مليا،
ڇڻ لوڏ لهر سپنا.

ڪا شاڪ لڳي وئي ڇڻ،
هَٿَ جينءَ هٿن ڇهيا،
ڇڻ لوڏ لهر سپنا.

پٿرن تي ويٺا آهيون،
پيا تيز وهن جهرڻا،
ڇڻ لوڏ لهر سپنا.

تون مان ٻئي وڻ هيٺان،
برسات جا ها ستڪا،
ڇڻ لوڏ لهر سپنا.

هڪ وڻ جي مٿان ٽڙ تي،
ٽي پاڻ نالا لکيا،
ڇڻ لوڏ لهر سپنا.

تيئن پاڻ اڏامون پيا،
جيئن ڪائي اڏامي هوا،
ڇڻ لوڏ لهر سپنا.

گڏ رنگ برنگي سپ،
پوپٽ بہ اٿئون پڪڙيا،
ڇڻ لوڏ لهر سپنا.

ڏاڍي آ خوشي ”خاطي“،
گڏ ڳايون پيا نغما،
ڇڻ لوڏ لهر سپنا.

اي ڪاش هي ڪيرئي جا،
سپ شال ٿين ساپيا،
ڇڻ لوڏ لهر سپنا.

پنهنجو پرين تون سڏجان سڏجان،
منهنجو هي آ چئجان چئجان.

ياري سپ ئي يار ڇني ويا،
دل کي پلي هو دور وڃي ٿيا،
تون نہ پرين دل پلجان پلجان.

احترامن عرض ڪيان ٿو،
ڳارو ڳچيءَ ۾ پاند وجهان ٿو،
پيار جي تون پت رکجان رکجان.

”خاطي“ کي خود پيارن ۾ تون،
جانب جان نثارن ۾ تون،
گولو غلام هي گڏجان گڏجان.

ننڊي لاڪون لڱم نينهن،
اٿم الفت عجيبن سان.

چڪور عاشق جئين چنڊ تي،
شمع تي جئن پتنگ جلي،
ڀنور گل تي ٿو ڦيرا ڏي،
منهنجي دل تئن مجيبن سان.

سدا دل ۾ رهڻ وارا،
پري ٿيئڙا پرين پيارا،
لتاڙي لڪ ڏکيا سارا،
هلي ملجي حبيبن سان.

هلي نہ حجت جتي ڪائي،
اسان الفت اتي لائي،
مگر محبن ڪئي ڀلائي،
اسان جهڙن ضعيفن سان.

منهنجو نينهن سچو سمڊن،
ڏسن جت جي مليو خوش ٿين،
شڪر "خاطيءَ" سان سڄڻن،
رکيو ناتو نصيبن سان.

سونهن پريا سردار الا.... منهنجا جاني،
جندڙيءَ جا، دلڙيءَ جا..... دلدار پيارا.

سبحان الله ڇا تہ حسن آ،
سنهڙي ڳچي ستا وار الا..... منهنجا جاني.

ڇڙ تہ شفاف شيشو جسم،
گلاب رنگي رخسار الا..... منهنجا جاني.

حد حسن جي هوندي ڪهڙي،
حد ڪان وڌ سهڻا يار الا..... منهنجا جاني.

گلڙا گلي ۾ ڇو مان پايان،
منهنجي هيئين جا هار الا.... منهنجا جاني.

منهنجي تصور ۾ تون وسين ٿو،
سپنن جا سينگار الا..... منهنجا جاني.

اي خان محمد "خاطيءَ" جي،
عشق سندا اسرار الا..... منهنجا جاني،

مان سوال بنجي تنهنجي ئي سامهون اچان ٿو،
نظرن مان ڇو نہ ٿو پڙهين پيار گهران ٿو.

پلڪن جي سايي ۾ سوين سپنا سمايل،
التجائون اڻ ڳڻيون اکڙين ۾ لڪايل،
سرڪار سي شرمائي توڏي ڪڻان ٿو.

صدين جي صدائن جو هن دل ۾ آ مسڪن،
شايد نہ قبولين تڏهن ٻاهر نٿيون نڪرن،
ڪوشيش اشارن ۾ سلڻ جي مان ڪيان ٿو.

لبڙن جي ڪنارن ڪي رخسار سان لائي،
چڏ تہ خان محمد ڪا آس پڄائي،
آغوش ۾ اچڻ لاءِ ”خاطي“ سڪان ٿو.

لڙڪ ۾ آهون اٿر نئيون ڪن توتي ڪهڙو اسرار آهي،
احساس مان توکي ڪئن ڏياريان، ڪيڏو توسان پيار آهي،
ڪيڏو توسان پيار آهي.

ٿورو غور تہ ڪر، مونڏي ڏس تہ سهي، صرف هڪڙو دفعو،
منهنجي پيار جي، ٻولي او پيارا، ڇو ٿِيلا تون سمجهين نہ ٿو،
ڪم آٽيان مان ڪهڙا جملا ڪو لفظ نہ اثردار آهي.

منهنجي نماٽين نگاهن واري عرضداري ۾ التجا،
ڪاش تون هيڪر سمجهي سگهين سا او منهنجا محبوب مٺا،
هي ديوانو تنهنجي ئي پيارل پيار جو طلبگار آهي.

ڄاڻي خدا ٿو ”خاطيءَ“ جو آ پختو پڪو پيار توسان،
پيارو آهين پيارو آهين مونکي دنيا ساريءَ کان،
دل جا ٽڙ او بي پرواهہ توتان ڪيريو نثار آهي.

هي چنڊ چانڊوڪيون، راتيون چوڏهيون،
تنهنجي هڪڙي ادا تان نثار سيئي.

پيو ڪارونجهر تي، ڪو مور نچي،
پلي رات پوي، ٿر جي واري ٺري،
مؤجون مهراڻ جون يا هي ڪينجهر ڪنڌيون،
تنهنجي هڪڙي ادا تان نثار سيئي.

گلڙن جي مٺان، هيءُ ماڪ ڦڙا،
هي صبح جو سما، بلبل جي صدا،
هيء بوندون ڪٽيون، هي هوائون ٿڌيون،
تنهنجي هڪڙي ادا تان نثار سيئي.

تنهنجي قربن تان، هي ڪيريو فدا،
هيءُ خلق سڄي آ، صدقي سدا،
هيءُ سموريون شيون، هن دنيا سنديون،
تنهنجي هڪڙي ادا تان نثار سيئي.

◙

راهون ڏسندي آ، ۽ روئندي آ،
هيءَ دل توليءَ ويچاري.

هر شب تنهنجا چنڊ ڪان،
چاهہ مان چنڊ ڪان، سڪ مان چنڊ ڪان،
حب مان چنڊ ڪان، حال پڇندي آ،
۽ روئندي آ...

ميڻ بتي جيئن پرندي آهي،
سڙندي آهي، جلندي آهي،
۽ ڳرندي آهي، تيئن ئي ڳرندي آ،
۽ روئندي آ...

پرهہ ڦٽيءَ جو اي پيارل توکي،
اي سهڻا توکي، اي منڙا توکي،
اي پيارا توکي، سارينديي سڪندي آ،
۽ روئندي آ...

هيءَ خان محمد "خاطي" چئي،
خادم "خاطي" چئي، نوڪر "خاطي" چئي،
هي غلام "خاطي" چئي، جهوريءَ جهجندي آ،
۽ روئندي آ...
هيءَ دل توليءَ ويچاري.

اٿئي ياد سڄڻ پهريون پيرو ملڻ،
منهنجو گهوري ڏسڻ، تنهنجو مرڪي پورڻ.

سا ڪيڏي هئي نہ حَسينُ گهڙي،
آئين منهنجي آڏو ٿي اجنبي،
ڪيڏي پنهنجائپ هئي محسوس ٿي،
جهڙو صدين  ڪان هو ملڻ جلڻ.

ڪئي اکين تنهنجي هئي آجيان،
چيو تو هو تنهنجو مان آهيان،
ٿياسين ويتر پرين پوءِ ويجهو اجان،
تنهنجو سيني لڳڻ منهنجو صدقي ٿيڻ.

ڪيڏو ”خاطي“ پنهنجو پيار هيو،
ڇا ڪيرئي ڪي ڇا توکي ٿيو،
ڇو سڀ ڪجهہ ڀلا سو وسري ويو،
هاڻي آهي رڳو دور دورُ رهڻ.

توکي وساري ڇڏيم، تنهنجي خوشيءَ خاطر،
ڇڻ پاڻ ڀلائي ڇڏيم، پنهنجي خوديءَ خاطر.

مونکي وساري ڇڏ تون، نہ نِهاري ڏس هاڻي،
جيڏان جو آهين وڃ، تيڏان واپس هاڻي،
اهڙو هو حڪم تنهنجو، مون اجنبيءَ خاطر.

تنهنجي تڪڙي حڪم جو، ايڏو مون تي وزن هو،
نہ تہ وسارڻ توکي، ڪيڏو مون لئہ ڪٺن هو،
ارشاد مڃي ويٺس، هي عاشقيءَ خاطر.

خان محمد جڏهين، تولئہ مفلوج ٿيو،
عشق جو ”خاطي“ ڪيريو ڇئي پوءِ عروج ٿيو،
بربادي آبادي ٿي، پئي بندگيءِ خاطر.

ڪنهن سان قرب ڪرڻ، ڪنهن سان مرڪي ملڻ،
ڪنهن ڏي گهوري ڏسڻ، اڄ ڏوهه ٿيو،
ڪنهن ڪان حال پڇڻ، ڪنهن جا لڙڪ اگهڻ،
ڪنهن سان سور سلڻ، اڄ ڏوهه ٿيو.

هي پابنديون پيون، ڪيئن پو قرب ڪيون،
ڪيئن ٿي ڌار جيون، پلا ڪنهن جا ٿيون،
واهون سپيئي ويون، دانهن ڪنهن کي ڏيون،
ڪنهن کي دانهن ڏيڻ، اڄ ڏوهه ٿيو.

هت جذبات مٿان، ڪيئي پهرا اچان،
نہ ٿو سوچي سگهان، ڪيئن جڳ ۾ رهان،
ڪنهن کي پنهنجو چوان، هي ايڏو جرم ڪيان،
دل کي ڏيڻ ونڻ، اڄ ڏوهه ٿيو.

ڪونهي همدردي، ويو ڪينو وڌي،
هي ڪيريو بي وسي، ويو توڪان ڇڄي،
خان محمد جي، لُٽي هر ڪا خوشي،
گڏجي ڪلڻ گهمڻ، اڄ ڏوهه ٿيو.

مان تولئہ رُئان، تون مون تان ڪلين،
او ڪلڻ وارا شل شاد هجين.

ٿيو اثر نہ توتي لڙڪن جو،
کهڙو قدر ڪيو تو سڏڪن جو،
پَوَئي جي پتو پنهنجي صدمن جو،
اچي پنهنجي هٿن سان لڙڪ اگهين.

منهنجي چاهت کي آ ٺڪرايو تو،
سوين سور ڏئي تڙپايو تو،
هٽي طعنن جا تير آ گهايو تو،
ڇو ڦتيل کي ٿو ويتر ڦٽين.

ناهي توسان شڪايت ۽ شڪوہ
هجين هر دم ”خاطي“ خوش تون سدا،
توڙي ڪيڏو ڪرين مونتي ستم مٺا،
تہ بہ ڪيرئي کي ٿو واهہُ وٽين.

واٽ ويندي درشن ٿي ويو،
روڊ ڪناري بيٺو پرين هو، دلربا ۽ دلنشين هو،
ڏسڻ سان خوش من ٿي ويو.

ڪيسين ڪارن ڪڪرن پويان چنڊ لڪي سگهندو،
نيٺ لڪي لڪي پرده نشينءَ جو،
جلوي نما جوڀن ٿي ويو،

دل جي پرچي تي پاڻ ڏسون تہ ڪڏهن ٿي جاءِ ملي،
هاڻي نظر جي قلم سان پُرُ،
پيار جو ڪوپن ٿي ويو.

چا تہ سونهن ساماڻي آهي،نئڊيڙي واهڻ ۾،
صحرا ۾ گل ٽڙي سگهي ٿو،
راز اهو روشن ٿي ويو.

دردن جي دز ۾ جو ”خاطي“، لٽجي ميرو ٿيو،
هڪ نظر سان صاف ڌوپي،
دل جو درپن ٿي ويو،
واٽ ويندي درشن ٿي ويو.

منهنجا نيڻ اجا نهارين چارا،
مونکي مرڪن سان ماري وڃڻ وارا،
اجا ٿورو ساهہ اٿم.

آوي اندران ڪئينءَ جلي ٿي،
ڪل ڪنيرِ ڪي ڪانہ پوي ٿي،
منهنجي بدن ۾ باهہ ڏيڻ وارا،
اجا ٿورو ساهہ اٿم.

تبسم جي تلوار سان گهائي،
تير نظر جو نشانو بنائي،
منهنجي ڇاتيءَ کي ڇيهون ڪرڻ وارا،
اجا ٿورو ساهہ اٿم.

ماڪ ڀنل معصوم جواني،
خون آلوده توڪئي جاني،
منهنجي جيون ۾ زهر ڀرڻ وارا،
اجا ٿورو ساهہ اٿم.

ڪيرئي تي ڪيو تو نہ ستم آ،
سهبو رهبو جيسين دم آ،
خان محمد کان خوشيون کسڻ وارا،
اجا ٿورو ساهہ اٿم.

تون حَسِينُ بي حساب، تنهنجو منهن محبوبي،
اهي نرم ملائم ڳلڙا، تنهنجا نازڪ لبڙا،
چڙ آهن گلَ گلاب، تنهنجو منهن محبوبي.

ذلف چوڙي جڏهن ڇڏين ٿو،
بادل پويان چنڊ لڪين ٿو،
جي هٽائين منهن تان وار،
چؤطرف ٿين چمڪار،
تون محب آهين مهتاب.....تنهنجو......

جنهن ڏي اکين سان گهور ڪرين ٿو،
پنهنجي نشي ۾ چورُ ڪرين ٿو،
ڪيئي ماڻهو ڪرين مجبور،
ٿين مدهوش ۽ مخمور،
تنهنجا نيڻ شرابي شراب.....تنهنجو......

”خاطي“ چئي تون موتيءَ داڻو،
معصوم جواني چهرو نماڻو،
تنهنجي وک وک تان مان صدقي،
اچي قرب ڪيرئي سان ڪر ڪي،
ڇڏ مون سان هاڻي حجاب،
تنهنجو منهن محبوبي.

منهنجون هي مجبوريون، منهنجون هي مجبوريون،
موم ڪن ڪيئن دل پٿر کي، هيڏيون هو مغروريون.

رحم گهرندڙ هيءَ نظرَ، ڪيئن ڪري هن تي اثر،
معاملو ڇا آهي مونسان؟ هو تہ آهي بي خبر،
اوري سگهن ٿيون نہ اکيون، ڳالهيون هيءَ سموريون.

بي چئي دل کي چيو مون، حسن وارن کي نہ چاهہ،
پاڻ چاهي پاڻ ڦاٿي، هاڻي واهي ٿس الله،
پيار ملندو پر مٿان ڪان، ٿين جڏهن منظوريون.

پيار ڪان خالي جا دل، سا اونداهو غار آ،
پيار سان پرپور دل ئي، روشنيءَ ـ مينار آ،
پيار ڪان ڪن پو بہ ڇو ٿا، دنيا وارا دوريون.

جذبا زخمي زخمي ءِ، پاڳ پڻ خاموش آ،
چاهتن ياري ٽوڙي، غم ٿيو همدوش آ،
ارمان آئيني جيان هي، ٿي پيا چوريون چوريون.

طوفان ڪنهن ۾ جئين ڪا، ٿاري ٿتي پٽ تي پئي،
منهنجي جيون ـ وڻ مان وئي، تيئن خوشي ڪيريو ڇئي،
رُت بدلي خان محمد، اوچتو ئي انگوريون،

ماٺو پٿر جا، ماٺو پٿر جا!
ميٺ مٿان مٿان، ٽوٽا اندر جا،

جيئڻ مورتيون،
مرده مندر جا، ماٺو پٿر جا!

ڀاڳ وڏائي چڙيا،
نوريءَ منڇر جا، ماٺو پٿر جا!

وڻجاري ويچاري،
پيپڪا بندر جا، ماٺو پٿر جا!

شيشي ـ گهر، شوپيس،
ٿر جي منظر جا، ماٺو پٿر جا!

رستا بيوفا،
تنهنجي شهر جا، ماٺو پٿر جا!

”خاطي“ راههَ سِڌي،
خطرا ڪنڌر جا، ماٺو پٿر جا!

نالائق نوازي، تو وڏو ڪيو ڪم،
مونکي متا ڪون هو، اهڙو ڪو فهم،
خواب خيال ۾ نہ هو، مونکي منهنجا صنم،
تہ ڪيرئي تي ڪرم، اهڙو ڪندي عجيب تون.

✹

نالائق نوازي، تو جاني جياريو،
پُر ڪري پيار جو، تو پيالو پياريو،
قربدار ڪيرئي ڪي، تو ويجهو ويهاريو،
تو عيبدار اجاريو، نازڪ پنهنجي نگاهہ سان.

✹

نالائق نوازي، تو محب مهر ڪئي،
کهڙي خوبي ڪيرئي جي، توکي وڻي وئي،
جو پينار ڪي پُر ڪيئي، پيارا پيار ڏئي،
عيبدار جي عيبن ڏي، ڪڏهن ڪونہ ڏٺئي،
”خاطي“ کي خوش ڪيئي پوءِ بہ پنهنجو چئي،
ساري سڌ هيئي، تہ آئون اگلو آهيان.

✹

مون ۾ مدايون، هيڪانديون هزار،
عيبن جي عجيب ڪي، ”خاطي“ خبرچار،
منهن چڙهي ميار، ڪڏهن ڏٺئين ڪين ڪي.

✹

مون ۾ مدايون، سوين پيون سجهن،
پوءِ بہ پل پل پرين، پنهنجن جيئن پچن،
ملي محب منهن تي، ”خاطي“ ساڻ ڪلن،
غلام جي گناهن ڏي، ڪڏهن ڪين ڏسن،
مرڪيو روز ملن، مون جهڙي مسڪين سان.

✹

ٻيري ڪنڊن سان، جهنجهيل آهي جيئن،
منهنجي تَنَ سان تيئن، مسئلا مڙي ويا.
✸
ڌرتيءَ تي مضبوط، پوٽو پيٽل جيئن،
منهنجي مَن ۾ تيئن، پاڙون ڪتل پيار جون.
✸
پاڻيءَ سان پوٽو وڌي ويجهي جيئن،
روح بہ ريجهي تيئن، دلبر جي ديدار سان.
✸
سدا رهي سائو واٽر تي جيئن وڻ،
ائين آهي جڻ، پيارَ ـ پاڻي جيوَ لئہ.
✸
ڪنڊ ڪان پوءِ ڪَلِ، ڦٽي جيئن ڦوھ ڪري،
جذبا تيئن اڻ جهل، اڀري آيا اندر مان.
✸
بصر جي پوک ۾، هو سرنهن پوٽو جيئن،
تون پڻ آهين تيئن، سهڻو ساري سٽ ۾.
✸
ڏڪيا ڏينهن ٿورڙا، جو ڪڻڪ آهي ڪچي،
پوندي هيءَ پچي، ”خاطي“ خوشيون ٿينديون.
✸
چلڪو چلڪي جي مٿان، بصر جو آ جيئن،
سور دل تي تيئن، سٽجي سٽيون ٿيا.
✸
ڪوئن ٻرَ ڪيا، اڌ ـ ڪناري جيئن،
منهنجي دل بہ تيئن، سورن سوراخي ڇڏي.
✸

منهنجو منُ گلاب، خوشبو خوشبو تون،
سدائين توکي مون، مون ۾ آ محسوس ڪيو.

✸

ڏسڻ ۾ ٻه پُڙ، هونءَ ته هڪ رحل،
تنهنجي منهنجي دل، سمجه ائين سهڻا پرين.

✸

منهنجو منُ آ ڪَکِڙو، تنهنجو قرب ڪپهه،
جيءَ تنهنجي ۾ جڳهه، والاري ويهي رهان.

✸

مڙيون مٺان ٻُور جي، جئن ماکيءَ جون مکيون،
ائين منهنجو اکيون، سهڻا تنهنجي سونهن تي.

✸

مان ٿڪل مسافر، تنهنجا وار وڻڪار،
سي ڪول خوشبودار، ٿورو ٿڪ ڀڃان پرين.

✸

منهنجي منَ ورونهن، صبح سير ٻنيءَ جو،
وهه واه سرِنهنِ سونهن، "خاطي" خوش ڪري ڇڏيو.

✸

مينهوڳيءَ ۾ مهڪ، جيڏي سرنهن کيت ۾،
تيڏي ساهه ۾ سڪ، تولئه آ سرهي پرين.

✸

سڳنڌ ۽ سونهن سان، منهنجو نينهن ناتو،
۽ سو ٻه ايڏو گهاٽو، جيڏو ساهه سرير جو.

✸

ٻاجهر چٽي ٻارن، جئن ڦاسائي جهرڪي،
تئن مٺل مرڪي، منهنجو من سوگهو ڪيو.

✸

انگن ڪان گهڻا اوهان جا احسان ٿو پائيان،
اکرن ۾ لکان ڪهڙا، ڪهڙا ڳڻيان، ڪهڙا ڳائيان،
عمر ٿوريءَ ۾ سمجهان ٿو، ٿورا لاهي تہ نہ سگهندس،
جيڪي وس ۾ آ ”خاطي“، پيو واڪاڻيان ۽ ساراهيان.

✸

واهہ مرڪڻ محب جو، گل ڦل اٿس گفتگو،
چپ چانهينءَ ڦارون ۽، ڳل مکڻ هوبهو،
نيڻ نرگس وانگيان، وار چڻ گلڙن وليون،
خوش نصيب آ ”خاطي“ جو، سهڻو سدا آ روبرو.

✸

تنهنجي پيار سان ائين انگ انگ جهوميو،
برسات سان جيئن آ جهر جنگ جهوميو،
تنهنجي قرب ڪيريو، آ سنواري ڇڏيو،
تون ملئين تہ روح جو، هر رنگ جهوميو.

✸

گذري وئي حياتي، سهڻن جي نوڪريءَ ۾،
گد گد ٿئي سدا دل، گلڙن جي نوڪريءَ ۾،
سمڌو ڪفر اسان آ، هر غير جي غلامي،
سرس آ ثواب ڄاتو، سڄڻن جي نوڪريءَ ۾.

✸

جيئن ئي پڳس پري ڪان، محبوب مرڪي مليا،
محفل ۾ اچي، اچي ويس پيارن جي پاڪرن ۾،
لڳي زندگي مٺي ۽ سيئي ٽڪ لهي ويا،
ڏاڍو سڪون آيو، دل وارن جي پاڪرن ۾.

✸

ڏيڍ ڏهاڪو گذري حياتي،
اڄ به خواهش اندر ۾،
توڪي ڏسڻ جي آس تي ٿمڪي،
چڻ ڪو ڏيئو مندر ۾.

✸

پيڙا ـ جهنگل، جذبن جهاڳيا،
اڌ حياتي احساس جاڳيا،
شعرن ۾ تي جيئرا بيٺا،
راتوڪا سي سپنا ساڳيا.

✸

ڏئي دل وينس هڪ اڌ پل ۾،
جادو هو ڪو نيڻن ـ ڪجل ۾،
هن ڪي چاهيم، ڏوهه ڪيم ڇا!
ڪڙو هنيو مون، پير پڪل ۾.

✸

ڪل سهٺا ڪل، ڇڏ روئڻ ڪي،
مٺا ميڻ ـ دل، ڇڏ روئڻ ڪي،
آ ميل ـ گهڙي، ملي مس ”خاطي“،
سا مرڪي مل، ڇڏ روئڻ ڪي.

✸

هوءَ مونکي ڏسي هلي وئي،
جهڙي بجلي اچي هلي وئي،
نيڻن ـ ڪنڌيءَ تان، سوچن ـ تڪ ۾،
چڻ مڪڙي ڇٽي هلي وئي.

✸

وهہ واهہ وڻين پيو تون، ڇڻ تہ ملبوس آهين،
چشمي ۾ چاندنيءَ جي سهڻي لباس ۾،
ڪيڏو نہ خوبصورت آ رنگ رخسار جو،
ڇڻ تہ شربت پريل آ، شيشي جي گلاس ۾.

✹

ڪونہ ٿئي توسان سچو، ڪجهہ سمجهہ ڪر،
وجهہ وٺي دوستن متن ٺوڪيو بہ ٿي،
ڪير پياري جنهن ڪي پاليم، تنهن ڏنگيو،
جنهن نانگ کان مائٽن متن روڪيو بہ ٿي.

✹

خوبصورت جواني لاپرواهہ وهي،
ٺاهوڪڙو صنم آيو سنبري نهي،
مليا نيڻ ”خاطي“، تہ دل دانهن ڪئي،
اچ ڏرتيءَ تي ڪيئن، آيو چنڊ لهي.

✹

منهنجو وجود بہ هن ڪنڊيءَ جي،
سڪي بانگها ٽيل ٽارن وانگي،
هنڌان هنڌان ئي ڏري پيو آ،
برسات ۾ بند جي گهارن وانگي.

✹

تنهنجي دنيا مٺي ڳنڊيري،
منهنجي دنيا، چوپا چوپا،
تنهنجي دنيا محل سجايل،
منهنجي دنيا، خالي جهوپا.

✹✹


چنا ڦٽ چڙهي پيا.....!!
سونهن جي سورج اُڀري، ته رڪجي ويس!
خودڪشي اُن ڪيئي، پر بچايو گلن!
گلن خوشبو ڏني ليڪن، ڪنڊن پڻ ڪم ڪيو پنهنجو،
ڪنڊن چيچي ڦٽيو تن من، ريجهايو روح رابيلن
خاطي ڪيريو